هڪ ٽڪ ٽوار



سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيفي ادب جو ڏيون ڪتاب

جرڙ ترڪ تنوار

مرتب

شمشير الحيدري

انور هالائي

پانهن ويلي

ڊاڪٽر سليمان شيخ

اعجاز قريشي



سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهريون ايڊيشن 1979ع گهاٽيتو هڪ هزار

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن جا حق واسطا قائم

PRICE: Rs. 12.00

قيمت

پارهن روپيا

ملڻ جو هنڌ

ادبيات، سول اسپتال روڊ، حيدرآباد

۽

سنڌ گريجوئيٽس ايسوسئيشن ڪراچي

JARA THARA TIKHA TANWAAR: (A Collection of Sindhi and Urdu articles read during Lateef Congress Sessions held at Karachi, Tando Allahyar, Islamabad, Multan and Bhit Shah during 'Lateef year 1978')

Compiled by: Shamsher-ul-Haideri and Anwar Halai.

Published by: Sind Graduates Association Publication Board, 910/C, Block II, P.E.C.H.S. Karachi 29

1st Edition: 1979.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف ڪانگريسن ۾ پڙهيل
چونڊ سنڌي ۽ اردو مقالا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پبليڪيشن بورڊ

چيئرمئن :	شمشير الحيدري
سيڪريٽري:	انور هالائي
سالي سيڪريٽري:	ارشادعلي سومرو
ميمبر:	اعجاز قريشي
	غلام حسين کوکر

هيءُ ڪتاب طارق اشرف سهڻي پرنٽرز، الهندو ڪچو، حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽ انور هالائي سيڪريٽري سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن پبليڪيشن بورڊ حيدرآباد ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مواڳ

لطيف سنڌ جو سيکيھ آھي. اِنھيءَ 'سيکيھ' ۾ اھو سيکيھ اچي وڃي ٿو، جيکو سنڌ جي جند ۽ جان سان لاڳاپيل آھي. رڳو ھيئر ٿي نہ، پر تڏھن کان، جڏھن لاھ اسان کي خبر ب کانھي تہ ھن ڏرتيءَ تي ڇا ڇا وھيو واپرايو آھي، ۽ ٿيستائين، جيستائين لاھ اسان کي معلوم نہ آھي تہ ھن ڏرتيءَ تي ڇا ڇا ٿي گذريو آھي. کنھن ب قوم، کنھن ب ملڪ جي عظيم شاعر جو شرف اھوئي ھوندو آھي تہ ھو اُنھيءَ قوم ۽ ملڪ جي سونھن، سڀاڻپ ۽ سگھ جي علامت ھوندو آھي. اِھا علامت اڳين زمانن کان پوئتي، ۽ پوين زمانن کان اڳتي ھوندي آھي. ھين لفظن ۾، عظيم قومي شاعر پنھنجيءَ قوم جي اجتماعي زندگيءَ کان وٺي اجتماعي موت تائين، تاريخ جي سمورن گذريل ۽ ايندڙ سلسلن جو سنپالينڊڙ ھوندو آھي. تڏھن تہ انگريز قوم وارا چوندا آھن تہ جيڪڏھن کين انگلنڊ ۽ شيڪسپيئر مان کنھن ب ھڪ تان ھٿ کڻڻ لاھ چيو وڃي تہ ھو انگلنڊ کي ڇڏي ڏيندا، پر شيڪسپيئر کي نہ ــ ڇاڪاڻ تہ ھو ڄاڻن ٿا تہ شيڪسپيئر کان خالي انگلنڊ، سنڌن اجتماعي موت جي مترادف ٿيندو. تڏھن تہ اسين لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي پنهنجي زندگيءَ ۽ موت جو سوال ڪري ٿا سمجهون. شاهہ، سنڌ جو ساهہ آهي. جيستائين شاهہ زنده آهي، اسين زنده رهنداسين. اسان جي تاريخ ۽ قبل تاريخ جا سمورا ورثا زنده رهندا. اسان جي مستقبل جا سمورا ڪم ۽ ڪارناما زنده رهندا. ماضيءَ جي منڊ کان وٺي، ترتيب ۽ تشڪيل جي انيڪ مرحلن مان گذرندي، سنڌ جو ذهن، مزاج ۽ اخلاق جيڪو روپ هن وقت ڏاري ٻيٺو آهي، شاهہ اُنهيءَ روپ جو سروپ آهي. هو، ان ڪري، سنڌ جو سيڪجهہ آهي، ۽ اِنهيءَ 'سيڪجهہ' ۾ آهو سيڪجهہ اڇي وڇي ٿو، جيڪو سنڌ جي جند ۽ جان سان لاڳاپيل آهي.

اِهوئي احساس هو، جنهن جي ڪري "سنڌ ڪريجوئيٽس ائسوسئيشن" پنهنجي ڪم جي دائري کي نہ رڳو لطيف جي همزبانن جي شرڪت ۽ خدمت لاءِ مخصوص ڪيو، بلڪ، ساڳئي ئي احساس سان، "ائسوسئيشن" پاڻ کي سڃاڻڻ جي ابتدا ۾ لطيف جي سڃاڻپ کي وڌائڻ جي مهم سان ڪئي— ۽ فيصلو ڪيو تہ سال ۱۹۷۸ع کي "لطيف جو سال" ڪري ملهائجي.

لطيف جو عرس، ۽ عرس کان اڳ ۽ پوءِ جي ڪن مهينن دوران لطيف جا ڏهاڙا تہ هر سال، هر هنڌ ٻيا ملهائبا آهن. هر ڪنهن موقعي تي اِها تقاضا ٿيندي رهندي آهي تہ لطيفيات تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڏار اڪيڈمي يا ادارو قائم ڪيو وڃي، لطيف-ڏينهن جي عام موڪل سڄيءَ سنڌ ۾ ڪئي وڃي؛ لطيف جي رسالي جو مستند ۽ قطعي نسخو تيار ڪيو وڃي، لطيف جي يادگار ٽپال-ٽڪلي جاري ڪئي وڃي، لطيف جي پيغام کي پاڪستان جي ٻين علاقن ٽوڙي ٻاهرين ملڪن تائين پهچايو وڃي، وغيرہ. پر انهن مان ڪنهن هڪ ۾ ڳالهہ جي پورائي يا پوئواري اڃا تائين ٿي نہ سگهي آهي.

اِهي ڳالهيون گهٽي ڳاڻي سرڪاري سطح تي عمل ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچي سگھن ٿيون، يا وري اسان جا ڪي وڌيڪ رٽائن ۽ رقمن وارا ادارا ڪن گالھين کي عمل ۾ آڻي سگھن ٿا. ظاھري طرح، في الحال ڪنھن تدارڪ جي ويجھي اميد نٿي ڏسجي.

"سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن" جي وس ۾ اِنھن مان ڪا ھڪڙي گالھہ بہ ڪانہ ھئي. اِن ڪري، "ائسوسيئيشن" اِھو انوکو گس اختيار ڪيو جو لطيف جي نالي سان روايتي نموني جو ڪو خاص موقعو ملھائي ويھي رھن بدران، سڄو سال لطيف جي موقعن ملھائڻ جو سڌ سڄيءَ سنڌ کي ڏيئي ڇڏيو، تہ جئن ٻارھن مھينن جي ايڏي وڏي عرصي دوران لطيف جي پچار آسانيءَ سان، بار بار ۽ لاڳيتو، ھرھنڌ ۽ ھر وقت، ھر طبقي ۽ ھر اداري ۾ ٿيندي رھي.

ھونئن بہ، ڪجھہ سالن کان ملڪ جي اڪابرن جا سال ۽ سالگرھہ سرڪاري سطح تي ملھائجي رھيا ھئا ــ جھڙوڪ قائد اعظم، امير خسرو، ڊاڪٽر اقبال وغيرہ، جي صدين جا سال. لطيف جو سال، اِنھيءَ سلسلي جي ھڪ ڪڙي ھو، پر سرڪاري سطح بدران اھو سنڌ جي عوام پاڻ ئي ملھايو.

سنڌ جي تقريباً سمورن علمي، ادبي، سماجي ۽ ثقافتي ادارن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين، شاگرد تنظيمن ۽ ٻارڙن جي جماعتن لطيف جا يادگار ڏينھن ملھايا. سڄو سال، لطيف جي ڏينھن ملھائڻ جو سلسلو جاري رھيو. شھرن، ڳوٺن ۽ واھڻ وستين ۾ لطيف ــ ڏينھن ملھايا ويا. سيني اخبارن ۽ رسالن خاص نمبر ۽ ضميما شايع ڪيا. "لطيف سال" جي سُرخيءَ سان سڄو سال لطيف جي مختلف پھلوئن تي مضمون لکڻ ۽ ڇپڻ رھيا. لطيف بابت تقريرن ۽ مقالن جون نشستون، لطيفي راڳ جون ڪچھريون، مشاعرن جون محفلون، شاگردن جو ڊبيٽون ۽ ذھني چتاپيٽيون ٿينديون رھيون. ڪيترن ھنڌن تي باقاعدي لطيف ــ ڪلاس شروع ڪيا ويا، جن جو سلسلو اڃا جاري آھي. اِنھيءَ سال دوران جنم ونڌ وارن ڪيترن ئي ٻارن جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالا "لطيف" رکيا ويا. ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين، سڄو سال لطيف ـ سال جون سرگرميون ايڏي جوش ۽ جذبي سان سنڌ جي عوام پاڻمرادو جاري رکيون، جو چڱن چڱن اها راءِ ڏني تہ سرڪاري وسيلن ۽ اهتمام سان ملهايل صدين وارا سال اهڙا پرپور نظر نہ آيا، جهڙو لطيف ـ سال.

"ائسو سئيشن" حـود بـہ سنڌ جـي مختلف شهرن ۾ لطيف ـ ڪانگريسن ملهائڻ جو سلسلو شـروع ڪيو، انهيءَ سلسلي جي پهرين ڪانگريس لطيف جي عظيم سورمي، مارئيءَ جي ديس ۾ رکي وئي. فيبروري ۷۸ع ۾، ميرپور خاص ۾، اتي جي شاخ ان جو انتظام ڪيو. تقريرن، مقالن، مشاعري ۽ لطيفي راڳ جـون بيٺڪون ٿيون، جنهن ۾ بـرڪ عالمن، اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن حصو ورتو.

اپريل ۷۸ع جي ۶، ۷ ۽ ۸ تاريخ تي، ڪراچيءَ ۾، تـي ڏينهن لطيف ڪانگريس جـو انتظام، ملڪي پيماني تي ڪـيـو ويـو، جنهن ۾ سڄـي پـاڪستـان کـان، مختلف علاقن ۽ ٻولين جي عـالمن ۽ دانشورن کـي لطيف بـابت ڳالهائڻ جـي ڪوٺ ڏنـي وئـي. سنڌي عـالمن سان گڏ، ٻين صوبن جي عالمن بہ لطيف بابت مقالا پڙهيا، ۽ تقريرون ڪيون. ڪين شاهہ جو ڪلام ۽ شاهہ جي موسيقي پڌائي وئي، ۽ ڪانگريس جي پڄاڻيءَ تـي ڪين شاهہ جـو آخري آرامگاهہ ڏيکاريو ويو. پٽ شاهہ تـي، هنن شاهہ جـي سلامي پري ۽ گل چاڙهيا.

ان بعد، ٽنڊين وڏيـن تقريبن کـان سواءِ، سڪرنڊ، ٽنڊوالهيار، هالا، بدين، ٽنڊي آدم ۽ ڪنڊيارو ۾، اتي جي شاخن خاص اهتمام سان لطيف ڪانگريسون ڪوٺايون. آخـري ڪانگريس، ڊسمبر ۱۹۷۸ع ۾ سکر ۾ ٿي.

ڪانگريس جـي اِنـهيءَ سلسلي، بين ادارن ۽ انجمنن ياران ملهائڻجندڙ لطيفي ڪچهرين سان گڏ، سنڌ ۾ لطيف جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ۽ پيغام، راڳ ۽ موسيقيءَ جو اهڙو ماحول پيدا ڪيو، جيڪو سنڌ ۾ پهريون ڀيرو نظر آيو هو. ريڊيو پاڪستان مختلف موقعن جون ڪارگذاريون هرهنڌ پهچائي چڏيون جنهن ماڻهن ۾ گهٽو اتساهه جاڳايو.

"ائسوسئيشن" فيصلو ڪيو تہ لطيف جي پيغام کي پاڪستان جي ٻين صوبن تائين پهچايو وڃي. انهيءَ سلسلي ۾، ائسوسئيشن جي ميمبرن، اديبن، شاعرن، صحافين ۽ فنڪارن جو هڪ وڏو قافلو، آڪٽوبر ۴۸ع ۾، ريل رستي، اسلام آباد پهتو. انهيءَ لطيفي قافلي ۾، مرد ۽ خواتين، جملي ۶۴ ڇڻا شامل هئا. استاد منظور علي خان، وحيد علي، حسين بخش خادم، زرينہ بلوچ، نذر حسين پارا، لطيف جا فنڪار ۽ قافلي سان گڏ هئا.

اسلام آباد ۾، اتي جي "ائسوسئيشن" جي شاخ وڏي اهتمام سان لطيف ڪانگريس جو بندوبست ڪيو هو.

اسلام آباد کان پوءِ، لطيفي قافلو پشاور ۽ پوءِ ملتان ويو. پشاور ۾ اباسين آرٽس ڪائونسل، ۽ ملتان ۾ پاڪستان نيشنل سينٽر پاران لطيف ڪانگريس جو انتظام ڪيو ويو.

ٽنهي هنڌن تي مقامي ماڻهن، هزارن جي تعداد ۾ لطيف جو ڪلام ۽ پيغام ٻڌو. هر هنڌ مقامي اخبارن وڏين سرخين ۽ خاص اهميت سان، لطيف ڪانگريس جون ڪارروايون ڇپيون، ۽ ان ڏينهن تي لطيف بابت خاص مضمون شايع ڪيا. مقامي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تان، لطيف ڪانگريس جو احوال ٻڌايو ۽ ڏيکاريو ويو. اسلام آباد جي مرڪزي ريڊيو ٽيليويزن تان نشر ٿيل ڪارروايون، سڄي پاڪستان ۾ ٻڌيون ۽ ڏٺيون ويون. سموريءَ تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو جو لطيف جو نالو قومي پيماني تي، نيشنل نيٽ ورڪ تان، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي نشر ڪيو ويو ــــ نہ تہ هونئن لطيف جي عرس واري خاص ڏهاڙي تي، رڳو حيدرآباد جي مقامي ريڊيو اسٽيشن ٿي ڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروگرام پيش ڪندي آهي، ۽ ڪراچيءَ جي تمام ڏوڻن رواجي نمونو ۾، فقط سنڌي پروگرام ۾، مقامي طرح، لطيف بابت فلم يا مباحثو پيش ڪندي آهي، ان طرح، لطيف-سال سرڪار پاران نئين ملهائڻ جي باوجود ان کي سرڪاري حيثيت ملي وئي ـــ ۽ اهو "ائسوسئيشن" جي لطيفي قافلي جي سفر جو سڀ کان وڏو فائدو هو.

لطيف-سال جي پڄاڻي، "لطيفي سرگس" سان ٿي، جنهن جو اهتمام حيدرآباد جي شاخ پاران ڪيو ويو هو. ۳۱- ڊسمبر ۷۸ء تي، ائسوسئيشن جي مختلف شاخن جا ميمبر، حيدرآباد مان بسن ۽ موٽرن وسيلي پٽ شاهه پهتا. ان لاءِ عام سڏ هو، تنهنڪري پري پري کان ڪافي خلق ازخود اچي گڏ ٿي هئي. سنڌ جا نامياريا اديب، عالم، شاعر، صحافي ۽ فنڪار به اچي موجود ٿيا هئا. هالا شاخ جي ميمبرن سون جي تعداد ۾ لطيفي چيچ جو آڏر ياڻ ڪيو. پٽ شاهه کان ٻه ميل ٻاهر نئشنل هاءِ وي تي انڪل بن هزارن جو هجوم اچي ڪٺو ٿيو هو. دهلن ۽ شرنائين سان، لطيف جا پانڌيئڙا، پيرين پنڌ، سرگس ڪري، لطيف جي بارگاهه تي سلامي ۽ لاءِ پهتا. ائسوسئيشن جي مختلف شاخن، ۽ سنڌ جي مختلف ادبي، سماجي ۽ ثقافتي ادارن پاران، لطيف جي تربت مٿان گلن جون چادرون چاڙهيون ويون.

اتي ئي، لطيف جي يادگار سلسلي کي جاري رکڻ لاءِ، لطيف-ڪلاس جو افتتاح ڪيو ويو، جنهن جو پهريون ليڪچر مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ ڏنو. استاد منظور علي خان ۽ عابده پروين لطيف جو ڪلام ٻڌايو ـــ ۽ ان طرح لطيف-سال جي پڄاڻي ٿي.

"ائسوسئيشن" لطيف-سال جي سلسلي ۾، لطيفي اشاعت جو سلسلو شروع ڪري چڪي هئي، انهيءَ سلسلي ۾ ٻه ڪتاب ـــ لطيفي لات (سنڌي) ۽ "پوئٽ آف آل ٽائيمس"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(انگريزي) اگي ئي شايع ٿي چڪا آهن.

لطيفي اشاعتن جي سلسلي جو هي ڏيون ڪتاب، "جر ٽر ٽيڪ تنوار"، شايع ڪيو پيو وڃي، جنهن ۾ "لطيف ڪانگريس" ۾ پيش ٿيل، سنڌي ۽ اردو، چوند مقالا ۽ تقريرون شامل ڪيل آهن.

"لطيف ڪانگريس" دوران انگريزيءَ ۾ پيش ٿيل مقالن ۽ تقريرن جو چوٿون ڪتاب، "Flute and Flame" الڳ شايع ڪيو پيو وڃي.

اميد ته سمورا پڙهندڙ، فرد توڙي ادارا، "ائسوسئيشن" پاران لطيف بابت انهن نمائن تعارفي تحفن جو قدر ڪندا ۽ اسان جو هٿ وندائيندا.

— شمشير الحيدري

— اڏور هالائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَرِ بَرَ شَرَ تِکَ تَنوارَ،
وَٹَ ٹِٹَ وائي هيکڙي،
سَپيئي شَئي ٿِيا،
سُوريءَ سَزاوارَ،
هَمه مَنصورَ هَزارَ،
ڪَهڙا چاڙهيو چاڙهئين.

— لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احمد فقير ڪيريو

شاهہ جي رسالي ۾ مندون ۽ ماحول

وقت جو وڏو ايڪو سال آهي، جنهن کي سنڌي هوليءَ ۾ ورهيہ ڪوٺيو وڃي ٿو، جئن شاهہ صاحب سسئيءَ جي بيان ۾ فرمايو آهي:

واجهائيندي ورهيہ ٽيا، هڏ نہ ڪڏيہ هوت.

اهڙي طرح، سارنگ جي سر ۾ بہ ورهيہ جو نالو آيل آهي:

وهڪي جن ورهيہ ٽيا، سوٽيو سي ميڙن

ورهيہ ٻارهن مهينن جو مجموعو آهي شاهہ صاحب اهڙو اهجاڻ سر ساموندي ۾ هن طرح ڏنو آهي:

آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي.

ورهيہ جا ٻارهن مهينا ساڳيءَ حالت ۾ نٿا رهن. ڪڏن ۾ گرمي گهٽي تہ ڪڏن ۾ سيءُ گهٽو، کي نہ گرم نہ سرد تہ ڪن ۾ وري مينهن جي اوتان اوت. انهيءَ لحاظ کان ورهيہ جي انهن ٻارهن مهينن کي حالتن موجب ورڇي، انهن جو نالو مندون رکيو ويو آهي. مند لفظ شاهہ صاحب عام طرح استعمال ڪيو آهي. مندون بہ هر ڪنهن ملڪ جون نرالیون آهن. اسان جي سنڌ بہ پنهنجي نموني جون مندون رکي ٿي، جيڪي ٽلهي ليکي چار آهن ۽ انهن جئني جا اهجاڻ ۽ پار شاهہ صاحب جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاءِ جي مختلف سُرن ۾ ملن ٿا. اسين عام طرح انهن مندن کي بهار، اونهارو، سرءُ ۽ سيارو سڏيون ٿا. پر شاهه صاحب وٽ انهن جا نالا آهن: واهوندو، اونهارو، وسکارو ۽ سيارو.

اسين جنهن مند کي بهار ڪوٺيون ٿا، لطيف ان کي واهوندو سڏي ٿو، جنهن ۾ اتر جي هوا بدران الهندي جي هير لڳي ٿي ۽ وڻ-ڦوٽ شروع ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري ٽرن برن جا وڻ ۽ ٻوٽا ساوا ٿي ٻون ۽ گلن ڦلن جي خوشبوءِ ماحول کي واسي ڇڏي ٿي.

ٽر جو علائقو جيڪو وسکاري کان سواءِ عام طرح ڇڙ پانگ سمجهيو ويندو آهي، اهو به هن مند ۾ ڏاڍو وٽندڙ ۽ موهيندڙ ٿي پوندو آهي، جنهن جي باري ۾ حضرت پٽ ڏٺيءِ تمام گهٽا اهڃاڻ ڏنا آهن. مثلاً:

هن مند مارو سنرا، ڪاهڙ ۾ خوشحال.
هن مند مارو سنرا، ڏينگهر ڏار رهن.
هن مند مارو سنرا، جياڙي جالين.
هن مند مارو سنرا، سائيهه منجهه سڏير.

واهوندي جي مند کڻڙيءِ مند کان پوءِ ايندي آهي، تنهن بابت لطيف سائينءِ اجهو هيٺينءِ اهڃاڻ ڏنا آهن:

پنهوارن پاڙيوهيو، ڪي وس واهوندن،
لٽو سيءُ سيد چئي، پڌو ڦٽ ڦرن.

واهوندي ڪانپوءِ اونهاري جي مند اچي ٿي، جنهن کي آڑهڙ يا آڑهاڙ به سڏيو ويندو آهي. هن مند ۾ گرمي گهٽي ٿيندي آهي ۽ لڪون لڳنديون آهن. ٽر جي واري ۽ جبل جو راڻو ٽپي ماحول کي گرم ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن جي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کوهستان ٽوڙي ٽر ٻيئي علائقا ۾ بنجي ويندا آهن. حضرت پٽ ڏٽيءَ اونهاري جا اهجاڻ سسئيءَ جي مضمون وارن سرن ۾ تمام گهٽن هنڌن تي پيش ڪيا آهن. جيئن:

لکون لڳن ڪوسيون، ٻيا جي تپن ڏينهن.
ڪوسي لُڪ لڪن جي، رڻ تنو رائو.
ڪوسا تپن ڪڪرا، ٻي دم دم تپي ڏر.

اونهاري کان پوءِ وسڪاري جي مند اچي ٿي، جيڪا اونهاري جي گرميءَ کي گهٽائي ٿي، پٽ ڏٽي فرمائي ٿو:

وسيو سي پري، جي ڏر ڏينهن کانئيا.

وسڪاري جي مند سيني مندن ۾ نايري ۽ مشهور آهي، جنهن کي شاهه صاحب سارنگ ۽ ملهار جي نالي سان ياد ڪيو آهي:

سارنگ سينگاري، وڃون وسڻ آئيون.
آئي مند ملهار، آڻ ڪنهنبا ڪنديس ڪپڑا.

هن مند جي اچڻ جا اهجاڻ پيش ڪندي، شاهه صاحب اجهو هيئن ٿو فرمائي:

اڄ ٻڏ اتر پار ڏي، ڪڪر ڪئي چوٽي،
منداڻي مينهن جي ڪنوڻ نه ڪوٽي.

اڄ ٻڏ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڃون وسڻ آئيون، ڪري لال ليس.

سارنگ اهڙي مند آهي، جنهن ۾ سنڌ جي سيني حصن جا ماڻهو واجهائيندا آهن تہ شال مينهن وسي. ۾ جبل ۽ ٽر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا ماڻهو تہ ويچارا باسون باسيندا آهن ، دعائون گهرندا آهن ، ۽ مينهن - نمازون به پڙهندا آهن تہ مَن کا چند ڦڙي پوي .

مينهن جي مند ۾ آسمان ۾ ڪٿي به ڪا ڪڪري نڪتي يا تتر ڪرڙي ٿي تہ ويچارا ٽريا ۽ جابلو خوش ٿي هڪٻئي کي واڌايون ڏيندا تہ :

آگميو آهہ ، لڳهہ پس "لطيف" چئي ،
چن چڏي پٽ پئو ، سمر سنباهي ،
ورهوءَ لاهي ، آسرو الله مان .

هڪٻئي کي مينهن وسڻ جي پڪ ڏيندي ، ٽاڻن ۽ اهجاڻن جو بحث ڪندي ، لطيف جي زبان ۾ هيئن به چوندا :

ابون ڪڪر ڪيرون ، اتر ڏي آهين ،
ڪري آگہ آئيون ، مند نہ مٽائين .
منداڻني مينهن جي ڪنوڻ نہ ڪوڙي .

وسڪارو اهڙي مند آهي ، جنهن کي نہ رڳو انسان پر جهنگلي جانور ، جيت ۽ پکي به سارين ٿا . تاڙا ، آرون ۽ سپون تہ رڳو مينهن جو ئي پاڻي پين ٿا . شاهہ صاحب اها حقيقت هيئن بيان ڪئي آهي :

سارنگ کي سارين ، ماڻهو ، مرگهہ ، مينهيون ،
آرون آبر آسري ، تاڙا تنوارين ،
سپون جي سموند جون ، نئين سج نهارين ....

هي ۽ حقيقت آهي تہ سينهي مندن کان مينهن ۾ سونهن وڌيڪ آهي ، چو تہ مينهن جي اچڻ سان سمورو ملڪ ڏوپجي صاف ٿي وڃي ٿو ، ڏرتيءَ توڙي وٽن ٽاڻن وغيره مان هڪ قسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي وٽندڙ خوشبوءِ نڪري ٿي، جيڪا سڀني ساهوارن جو دماغ تازو توانو ۽ دليون باغ بهار ڪريو ڇڏي. لاکيٽي لطيف مينهن جي انهيءَ سونهن ۽ اڇڻ جي نظاري کي جنهن سهڻي نموني ۾ پيش ڪيو آهي، سو پڙهندي ئي انساني ذهن سونهن ۽ سرهاڻ جي عجب دنيا ۾ پهچيو وڃي:

سارنگ سينگاري وڃون وسڻ آئيون،
مون کي ڪنوڙ خوش ڪيو، جاڳڻ منجهه ڪاري،
جهڙن جهونگاري، لاٿم ڪٽ قلوب تان.

سارنگ سائي ست، جهڙي لالي لاک جي،
ائين سي آڻن انگيا، جيئن سي چُنيءَ چيٽ.

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيڏيا برجن سين،
ساز سارنگيون سرندا، وڄائي برچنگ،
سرهاڻيون سارنگ، پلٽيون رات ٻدام تي.

منڌ ٽي منڊل وڇيا، آيو جهڙ جهاڻي.

منڌ ٽي منڊل وڇيا، تاڙي ڪئي تنوار.

منڌ ٽي منڊل وڇيا، ڪئي اوهيرن اوڪ.

مٿين بيتن ۾ جهڙن جي جهونگار، سرندن، سارنگين، برچنگ ۽ سرمنڊل جي وڄت، تاڙي جي تنوار، اوهيرن جي اوڪ، جهڙ جو جهاڻو، آڻن جا انگ، لاک جي لالي، چُنين جا چيٽ، سارنگ جي اهڙي ستا آهي، جنهن ۾ رڳو سونهن ئي سونهن آهي، جنهن مان نه رڳو اکيون ۽ ڪن رس ۽ چس حاصل ڪن ٿا، پر دل ۽ دماغ به راحت ۽ فرحت سان ڀرجيو پون ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب مينهن جي مند ۾ سمايل سموري حسن کي ايڏي تہ مثالي مرتبي تي محسوس ڪري ٿو جو خود پنهنجي محبوب جي اڇ کي ان سان تشبيهہ ڏئي ٿو:

آڳر ڪيو اڇن، سچڻ سانوڻ مينهن جيئن.

يا:

سچڻ ساوڻ مينهن جيئن، جهڪن پاسي جهوڪ.

مطلب تہ ساوڻ، وسڪاري يا ملهار جي اهڙي سهڻي مند آهي جو ان ۾ سونهن جي سڪايل کي لطيف جي زبان ۾ هيئن بہ چوٽو پوي ٿو:

اڳڻ تازي، بهر ڪنديون، پڪا پٽ سونهن،
سُرهي سيج پاسي پرين، مر پيما مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شل هون برابر ڏينهڙا.

سارنگ جي مند ۾ جتي انسانن کي خوشي ۽ راحت ملندي آهي، اتي کي اهڙا انسان بہ آهن، جيڪي اهڙيءَ مند ۾ مورڳو بيوس، بيحال ۽ مجبور ٿيو پون. اهي آهن اپرا، جڏا، مسڪين ۽ رنون زالون يا بيوارٿيون، جن وٽ نہ گهر نہ اجهو آهي نہ اوٽ. يا وري آهي اڪيليون، جن جا ور اڃا نہ وريا آهن.

وسڪاري جي مند ۾ جڏهن اتر جي اوچتيءَ تيز هوا سان گڏ تکو مينهن اچي ٿو تہ انهن جو کهڙو حال ٿو ٿئي، سو لطيف هيئن بيان ڪري ٿو.

ڪٽڪن ڪانڌ چِت ڪيو، جهڙ پسيو جهجن،
ور ري وانڍين آڏيا، پڪا سي مَ پَسن،
اتر ڏاهي ان جا، تہ ڪنهن کي ڪارون ڪن،
وارث وري تن، اچي شل اولون ڪري!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوڙ، سازن جي آواز وانگر عجيب قسر جي موسيقي پيدا ڪري ٿي ۽ دلين کي خوش ۽ بهار ڪريو ٿي ڇڏي. پر اها موسيقي به ڏکين انسانن لاءِ هيبتي آواز بڻجيو پوي، جنهن ڏانهن اشارو ڪندي پلاري پٽ ڏٽيءَ کڙا نه سٽا ۽ قيمتي لفظ چيا آهن:

ڪٽڪن ڪانڌ چِت ڪيو، جهڙ پسيو جهجن،
سڀو رڙ رعد جي، ڪليون ٿيون ڪنبن،
ڪلهيون ڪين ڪچن، ويچاريون ورن ريءَ.

هر انسان جي ڪا نه ڪا تمنا هوندي آهي ته هيئن ٿئي يا هونئن ٿئي، سو اهڙين ڏکين، اڪيلن ۽ لا وارث غريب عورتن جي تمنا ۽ سڌ اجها هيئن آهي:

اوچڻ گهر جي آجڪو، جهوپو سهي نه سيءُ،
سڀائجِ سڄڻ ڪي، حال منهنجو هيءُ،
اڳڻ آيو ٿيءُ، ته ڏوليا ڪنهن ڏنگ، ٿيان.

لطيف سائينءَ کي جيتوڻيڪ به سؤ سالن کان مٿي وقت ٿي ويو آهي، تڏهن به انسان جي ملڪ جو ماحول اهو ئي ساڳيو آهي ۽ اڄ به ڏکيا بکيا انسان ۽ بيوهه زالون ۽ يتيم ٻار ملهار جي مند ۾ به مايوس، مجبور ۽ لاچار ڏسبا آهن.

ملهار جي مند کان پوءِ سياري جي مند اچي ٿي، جنهن جو ذکر شاهه صاحب جي رسالي ۾ سر سامونڊي، ۽ سر سهڻيءَ ۾ دل ڏاريندڙ نموني سان ملي ٿو.

سهڻي، جيڪا سياري جي سيءَ ۽ ٻين ڳالهين جي پرواهه نه ڪندي، تار تري ويندي هئي، تنهن بابت پٽ ڏٽيءَ هيئن فرمايو آهي:

سيءُ سيارو، پاڻيءَ پارو، جت جهڙ ۽ جهگ جهول،
من اندر ميهار جا، هيڻڙي اچن هول.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياري سيءَ رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ڏي من ۾.

سهڻي تہ ميهار جي محبت ۾ مست هئي، جنهن ڇيو پئي تہ:

ساوڻ سيارو پانڻيان، زهہ پريان جي وي.

۽ خود لطيف ب ان لاءِ فيصلو ڪري ڇڏيو تہ:

ساوڻ گهڙي سيکا، هيءَ سرهي سياري.

پئي طرف پرديسين جون زالون، جن جا مڙس پورهئي خاطر گهر تڻ، ٻار ٻچا ۽ عورتون ڇڏي، سمنڊ جهاگيندا، پرديس هليا ويندا هئا، انهن جون عورتون سياري ۾ اڪيلائي محسوس ڪندي پنهنجي ورن سان خيالي دنيا ۾ هيئن مخاطب ٿيندڙيون هيون:

سر لوهيڑا گهيرا، ڪسر نسريا،
تو ڪيئن وسريا، ڏولڻا ڏينهن اڇڻ جا.

سر نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سکائون ڪيون.

سامونڊي پورهيت نہ رڳو سياري جي مند ۾ موتندا هئا، پر گهٽو ڪري انهن جي وڃڻ جي مند ب سيارو هئي:

آئي اتر مند، هنئين ادڪو نہ لهي.

ان کي مند آتر جي، اوچتي آئي.
ڏني ڏاڍي، سامونڊين سڙهہ سنيهائيا.

يا:

لڳي آتر هير سامونڊين سڙهہ سنيهائيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن بنين مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اتر جو لڳڻ، سرن جو ڳيڇڻ، ڪانهن جو نسرڻ ۽ ڏياري جي ڏينهن جو ٻرڻ، سياري جي شروع جا اهڃاڻ آهن.

اسان وٽ عام طرح چوندا آهن تہ سيارو ماڻهو جو پيٽ آهي، ڏيڪ آهي، ڪڏهن پيٽ جي مند آهي، پر جڏهن غور سان ڏسبو تہ اهو سڀ اميرن ۽ وڏن ماڻهن لاءِ آهي. غريب ويچارا سياري ۾ سرها نٽا ڏسجن. شاهہ صاحب تڏهوڪيءَ سنڌ ۾ غريبن جي هيٺيءَ حالت جو نقشو چٽيندي جيڪي اهڃاڻ ڏنا آهن، سي اڄوڪيءَ سنڌ ۾ بہ ساڳيا آهن.

اسان آڏارا، آڻي آونگ چاڙهيا،
منهن ڏيئي مون آئيا، سامهون سيارا،
آپ-رن سيڪارا، پسبو ور پين جا.

مطلب تہ شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ نہ رڳو سنڌ جي آبهوا ۽ مُندن جو جابجا ذڪر ڪيل آهي، بلڪ انهن مُندن جا اثر ۽ اهڃاڻ، انهن ۾ هتي جي ماڻهن جون حالتون ۽ مصروفيتون، ۽ انهن بابت معلوماتي حقيقتون ۽ نتيجا، تفصيل سان بيان ڪيل آهن. شاهہ جي رسالي کي مطالع ڪرڻ لاءِ اهو بہ هڪڙو خلاصو موضوع آهي، جنهن تي مڪمل تصنيفون رٿي سگهجن ٿيون.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثريا سوز ڏيپلائي

شاهه جي ڪلام ۾ ڪاريگرن ۽ هنرمندن جي اهميت

شاعري وقت جي تاريخ هوندي آهي، ۽ شاعر تاريخ ساز. اِها شاعر جي خوبي چئبي ته هو پنهنجي وقت جي حالتن، ماحول ۽ ماڻهن جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، سندن ڪاڌ خوراڪ، ۽ ڏنڊي ڏاڙيءَ کي پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ سهڻي انداز سان پيش ڪري.

هر دور ۾ اُن وقت جي ماڻهن ۾ ڪي خاص خوبيون، ڪي خاص عادتون ۽ رسمون رواج هوندا آهن، جيڪي سڄا شاعر ٿي پنهنجيءَ حساس فطرت جي ڪري پنهنجي سخن جو موضوع بنائيندا آهن، ۽ ننديءَ ننديءَ گالهه کي به خاص اهميت ڏيندا آهن. شاهه سائين، جيڪو اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو سينگار ۽ شاعرن جو سرتاج سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو زندگي جو شاعر آهي، ۽ جنهن جو ڪلام سندس دور جي تاريخ آهي، تنهن کي پڙهي هڪدم پتو پوندو ته سنڌ جي حالت ان وقت ڪهڙي هئي، ۽ ماڻهن جو شوق شغل، ڏنڊو ڏاڙي، هنر ۽ ڪاروبار ڪهڙو هو.

شاهه سائين اهڙي ته سهڻي انداز سان پنهنجي دور جي عڪاسي ڪئي آهي جو سڀني گالهين جو اندازو ٿيو وڃي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ثقافت جا پورا پورا اهجاڻ سندس ڪلام ۾ ملندا، ۽ اسين اهو محسوس ڪنداسين ته سنڌ هينئر نه، پر صدين کان اڳتا موتين جهڙا ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جيڪي اُن وقت به پورهئي ڪرڻ ۾ ڪو عار محسوس نه ڪندا هئا ۽ پنهنجي پنهنجي فن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ سندن قومي ڪردار هو.

شاهه سائينءَ کي ته سنڌ واسين سان دلي قرب هو، ۽ اُن قرب ئي کيس پنهنجن ديس واسين کي ايتريءَ باريڪ بيني سان ڏسڻ لاءِ آماده ڪيو. ڪهڙو طبقو آهي، جنهن جو ذڪر شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ نه ڪيو آهي. نه رڳو هن سنڌ جي مختلف سماجي طبقن، هنرمندن ۽ ڪاريگرن جو خلاصو ذڪر ڪيو آهي، پر سورمن ۽ سورمين جو ذڪر ڪندي به سندن ماحول ۽ زباني ۽ کي اهڙيءَ ريت ادا ڪيو اٿس جو سنڌ جي پورهيت جي ڪمال ڪاريگري هر هنڌ نمايان آهي.

مارئيءَ جي زباني ۽ چيو اٿس:

ڀٽو لا پنهواريون، مور نه مٽي ڪن،
جي لاکـ رتائون لوئيون، تـ سانڀا سونهن،
اُن ايـلاچـين اڳري، بـخـمـل بافتن،
سکر پانيان سومرا، ڪٽي ڪان ڪنهنبن.

هن بيت ۾ مختلف ڪپڙن جا نالا آيا آهن، جيڪي اُن وقت جا ماڻهو شوق سان هنبائيندا هئا. اهي ڪپڙا مشينن تي نه پر ان وقت جا هنرمند ۽ ڪاريگر هٿ سان اُڻيندا هئا، ۽ اُهو ڪپڙو اهڙو ته سهڻو ۽ مظبوط هوندو هو جو هينئر به پيڙهي ته مشين سان ٺهيل ڪپڙي جي پيٽ ۾ وڌيڪ سهڻو ۽ مظبوط ثابت ٿيندو. پٽولا، بخمل، بافتو، ارم، عنبير، ململ، پٽ، الائچي، وغيره اهي تمام نفيس ڪپڑا هئا، جيڪي سرندي وارا ٺاهيندا هئا. گهٽ آمدنيءَ وارا وري لوئي، ڪٽو، ڪيس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھنو، وغيره ڪپڙا استعمال ڪندا هئا. اِنهن ڪپڙن ۾ ڪھنو خاص اهميت رکي ٿو. اهو هڪ خاص ريشم مان ٺهيل ڪپڙو هوندو هو، جيڪو زالن جي اوڍڻ لاءِ ڪم ايندو هو. اِهو اڄ تائين اسان جي عورتن جو روايتي لباس آهي. ان جو اوچو تمام نفيس ۽ رنگ بيحد سهڻا استعمال ڪيل هوندا آهن.

هڪ ٻيو ڪپڙو به خاص اهميت وارو آهي، جنهن کي ٻانڌڻي چئبو آهي. اِهو سوٽي ڪپڙو هوندو هو، جيڪو به اوڍڻ لاءِ ڪم ايندو هو. ان کي هڪ خاص انداز سان رڱيو ويندو هو. اسان جون ڳوٺاڻيون عورتون اڄ تائين ٻانڌڻي استعمال ڪنديون اچن، ۽ اسان جا ڪاريگر اڃا تائين اهو ڪپڙو ٺاهيندا رهن ٿا. ڏاڱي سان مٽس ننڍيون ننڍيون ٽڪليون ٻڌي، رنگ ڏيئي، ٻڌل ڏاڱن کي کولڻ سان جيڪي گول ۽ چوڪور ونيون رنگ کان رهجيو وڃن، سي ڏاڍيون سهڻيون لڳنديون آهن. آن کي "چريل ٻانڌڻي" چئبو آهي. انهيءَ ڪپڙي کي رڱڻ لاءِ لاک، ڪم آڻيي آهي، جنهن جي ڪري ان جو رنگ ايترو ته پڪو ٿيندو آهي جو ڪپڙو ڦاٽي ويندو پر رنگ نه لهندو. ان کي رڱڻ لاءِ به سنڌ جا رنگريز شاباس جي لائق آهن. انهن لاءِ شاهه سائين چيو آهي:

رچي جي ريٺو ٿيا، ڪين آباڃن اوهه،
ڪنب نه ڪاري تن کي، جو هالاري هوهه،
توڙي ڏوبي ڏوهه، ته به لالي تنهن نه لهي.

اهو هنر صرف سنڌ جا هنرمند ۽ ڪاريگر ئي ڄاڻندا هئا ۽ شاهه سائينءَ به پنهنجي ڪلام ۾ انهن ڪاريگرن کي اِمر ڪائي ڇڏيو آهي.

رنگائيءَ ۽ ڪپڙي آڻڻ کان اڳ، مرحلو هوندو هو سٽ ڪڍڻ جو. اِهو ڪم وري زالون ڪنديون هيون. پڇندي‌ءَ واريون ملهه تي اِهو ڪم ايري حال وارين زالن کان ڪرائيندڙن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون. ان مان پورهئي ۽ پورهيت جي عظمت سان گڏ، سندس جي عورت جي عظمت جو به اندازو ٿئي ٿو، جيڪا هنر مند هئي، ۽ مرد جيان پورهيو ڪري، پنهنجن ڇڻن جو گذر سفر پيدا ڪندي هئي. شاهه صاحب ڪيس همٿايو آهي، سندس گهڻ گايا آهن، ۽ سندس هنر مندي۽ کي امر بنائي ڇڏيو آهي:

آڻي آور آرٽ سين، ويهه مَ ويڪاڻي،
تہ صراف صحاڻي، موڻائي هٽي نہ منهن تي.

اِن هنر کي شاهه سائين۽ جي ڪلام ۾ وڏي اهميت ڏنل آهي. زالن لاءِ اُن وقت ۾ اِهو هنر نہ رکجو سگهن، پر منجهس مهارت حاصل ڪرڻ ضروري هو، تہ جيئن اُهو صراف وٽ قبول پوي. اُن وقت ۾ ئي ماحول بدليو ۽ عورتن اِن هنر ۾ پير پوڻي ڪيو، تہ شاهه سائين اِهاڳالهه هڪدم محسوس ڪئي:

نہ سي وونئڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتيارين،
پَسيو بازارين، هينڙو مون لوڻ ٿئي!

مطلب تہ جيئن جيئن ماحول بدلبو ويو، شاهه سائين۽ جي ڪلام ۾ ان جو عڪس ايندو ويو.

اُن دور ۾ لوهارڪو ڪم ڪندڙ ڪاريگر به هئا. جيڪي به پنهنجي ڪم جا ماهر هئا. شاهه سائين۽ اُنهن جي ڪاريگريءَ جو به ڳوڙهو مطالعو ڪيو، ۽ پنهنجي پيغام لاءِ ان کي مثال بنايو:

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙي، پريان تيئن سو گهو ڪيو.

"دل گنيڻ" کي شاهه سائين۽ لوهار جي ڪڙي کي ڪڙي سان لپيٽڻ واري عمل سان تشبيهه ڏني آهي. اهو جڻ تہ لوهار جي ڪاريگري۽ جو انتهائي اعتراف آهي. هٿ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنرن جا ماهر ٻيا ٻه آن دور ۾ ڪيترائي هئا، جن جو ذڪر شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ جاءِ بجاءِ آيو آهي. انهن ۾ سونارا درزي، ڪوري، وينجهر ڪلال، ڪاتب، ۽ رازا وغيره هئا.

هنرمند ۽ ڪاريگر تہ هر دور ۾ رهيا آهن ۽ رهندا، پر آنهن کي نوازڻ وارا هر دور ۾ ڪونہ هوندا آهن. سنڌ تہ هيرن ۽ موتين جي کاڻ آهي، پر سيڪو موتين کي پرکي نٿو سگهي.

جيئن سيڪو پکي هنج ڪونهي، تيئن سيڪنهن مائهوءَ منجهہ ٻہ ٻهار جي ٻوءِ ناهي. اهو شاهہ سائين آهي، جنهن سنڌڙيءَ کي اجاريو ۽ سندس ڪاريگرن ۽ هنرمندن کي نروار ڪيو. شاهہ سائينءَ جي ڪلام سان گڏ، اسان جا اهي فخر لائق ڪاريگر ٻہ زنده رهندا، ۽ اسين سڀ سدائين انهن تي فخر ڪندا رهنداسون.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڈاڪٽر نسرين لطيف

شاهہ جي ڪلام ۾ اخلاق جو اپياس

دنيا انسان ڪاڻ ٺهي آهي. دنيا ۾ رهڻ لاءِ رب ڪيس زندگي بخشي آهي، ۽ زندگيءَ ۾ اخلاق جي اهميت مڙني گڻن کان مٿانهين آهي. هر ڪنهن بني بشر جو، پنهنجي پنهنجي ظرف مطابق، اخلاق بابت جدا جدا پيمانو مقرر آهي.

پروفيسر علينواز جتوئي انساني اخلاق جي اها تعريف ڏئي ٿو ته "اهڙي قسر جو اخلاق جيڪو سماج جي طرفان مڃيو وڃي ٿو، سو سچ پچ ته اخلاق ناهي بلڪ مجبوري آهي، جا انساني ڪردار ۾ ڪمزوري آڻي ٿي. اخلاق اهو آهي، جيڪو انسان جي اندر مان پاڻڻ پيدا ٿئي: انسان گناهہ ڪرڻ لاءِ بالڪل آزاد هجي ۽ پوءِ نہ ڪري ته اهو اخلاق آهي. مڪمل آزاديءَ کان سواءِ اخلاق جو تصوّر ناممڪن آهي."

ڈاڪٽر ابراهيم خليل پنهنجي هڪ مضمون ۾ اخلاق بابت ڪجهہ هيئن راءِ ڏئي ٿو: "زندگيءَ جو مفهوم ڏاڍو وسيع آهي، جنهن جي تعبير جا مختلف پهلو آهن. انهن مان اخلاق جو تعلق سڀ کان ويجهو آهي. ان جي فقدان کان زندگيءَ کي زندگي نہ چئي سگهبو. هن جي انتشار کان زندگي عجب شئي بنجيو ٿي وڃي. اخلاق زندگيءَ جو مظهر آهي، ۽ انسانيت جو آئينو آهي. انهيءَ حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخلاق ۽ زندگيءَ جو ربط مشترڪ حيثيت رکي ٿو، ۽ انهيءَ بهلوءَ کان ادب ۽ اخلاق جا چوڻا ملندا نظر آچن ٿا."

مولانا غلام محمّد گراميءَ جو نظريو هو ته "جيئن الله اکبر آهي، تيئن انسان به اکبر آهي جيئن الله ۽ ان جي ڪمال جو ڪو اندازو نه آهي، تيئن انسان ۽ سندس جمال جو به ڪو شمار ڪونهي. جيئن الله لاشريڪ آهي، تيئن انسان به، پنهنجيءَ امتيازي تخليق ۽ معنوي عظمت جي لحاظ کان لاشريڪ آهي، بشرطيڪ هو بااخلاق هجي."

اهي ته ٿيا سنڌ جي عالمن ۽ محققن جا انسان جي اخلاق جي باري ۾ راءِ. هاڻي اچو ته ڏسون ته اسان جي هن سياڇهڙيءَ ڌرتيءَ جي سدا حيات شاعر، حضرت شاهه لطيف ڀٽائيءَ وٽ اخلاق جو ڪهڙو معيار مقرر آهي، ۽ سندس ڪلام جي روشنيءَ ۾ اخلاق جو اصل مقصد ۽ مطلب ڇا آهي؟

شاهه جو ڪلام سندس سوچ جيان لامحدود آهي. سندس ڪلام اخلاق جي معنيٰ کي ڪنهن مخصوص حد اندر قيد ڪونه ٿو ڪري، پر پڌائي ٿو ته سندس لکين لفظ آهن ۽ ڪروڙين معنائون. ڳڻ، قدرت جي اسرار جيان لامحدود آهن، جن ۾ وطن جي حب، انسانذات جي برابري، حق‌گوئي، مقصد ماڻڻ خاطر صعوبتون سهڻ، ثقافتي ورتن جي حفاظت ۽ ڪردار جي اهميت وغيره شامل آهن.

آمرڪوٽ جي بادشاهه عمر سومري جو پنهنجي شاهي شان کي ڏيان ۾ نه رکندي، ملير جي معمولي مارئيءَ کي پسند ڪرڻ، اخلاق آهي. ليڻ لٽل مارئيءَ جو عزت بچائڻ خاطر پٽڻ پٽيهرن، ست رچين تي نه هرکجڻ، اخلاق آهي؛ قيد ۽ بند جي پرواهه نه رکندي، وطن نه وسارڻ، اخلاق آهي؛ عمر جي شان ۽ شهنشاهيت کان نه ڊڄڻ، اخلاق آهي. عمر وقت جو بادشاهه آهي، وٽس عزت آهي، حشمت آهي، طاقت آهي، تنهن هوندي به مارئي سان دست درازي نه ڪرڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخلاق آهي. پنهنجي ڪيل غلط ڪم تي پڇتاءَ ۽ پشيمانيءَ جو احساس، اخلاق آهي. پنهنجي ڪيل ڪُڌي ڪم جي ازالي لاءِ، مارئيءَ کي پوري احترام سان مارن ڏانهن موڪلڻ، اخلاق آهي. اخلاق جون اِهي ٻئي عظمتون آهن، جن جي ڪري لطيف انهن ڪردارن کي پنهنجي سخن جو موضوع بنايو آهي.

مارئي اسان جي ڏرتيءَ جي لڄ، شرم، حيا، برداشت ۽ بردباريءَ جي علامت آهي. ساڻيهه جي سِڪ ۾ سندس ساهه پئي سِڪيو. وطن جي حب ۽ مارن لاءِ اُڪير جو اهو حال هو جو ڪيس ملير ڏاران ڪجهه بہ ياد نہ هو ــ نہ عمر جي شاهي حيثيت، نہ پنهنجو هيڻو حال. تڏهن تہ شاهہ مارئي بنجي دانهن ٿو ڪري تہ:

هي هنڌ ٻيٽيون هاڻ، ساڙيان سپ ڏيهين ري،
ڪل شيءِ يرجعُ اِلي اصله، ٿي جهجهان جهانگين ڪاڻ،
پري پنهنجي ڇاڻ، پسان ملڪ ملير جو.

وري هڪدم ملير جي لڄ ۽ سنگهارين کي ساراهيندي، مارئي ڦونڊ ۾ پرجي چوي ٿي:

وَر سي وطن ڇائيون، صحرا ستر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوچن ابڙن،
ويڙهيا گهمن وَڪيين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سچ ڪٽائي سيڄ ۾.

سڻيءَ جو پنهونءَ خاطر ڪن ڏوجهرن ۾ ڏرڻ، اخلاق آهي. پنهون سندس حق آهي: پنهنجي حق حاصل ڪرڻ خاطر، اوکيون اٽانگيون واٽون پار ڪرڻ، مقصد ماڻڻ خاطر جبل جهاڳڻ، اخلاق آهي. شاهوڪار واپاريءَ جي پٽ عزت بيگ عرف ميهار جو هڪ معمولي ڪنبر جي ڏيءَ خاطر ويراڳ ونڻ، اخلاق

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. سڀني ۾ جو وچن پاڻ خاطر دنيا جي دهمائن ۾ درياهه جي دهشتناڪ لهرن کان نه ڊڄڻ، اخلاق آهي. چنبيلي جو چاڪ چوڙڻ لاءِ ڪونئرو ۾ جو ڪشالو، اخلاق آهي. ليلا جو نفس تي هرڪجي پڇتائڻ، اخلاق آهي. هيٺي مورڙئي جو موذي مانگر مڇ جي مقابلي ۾ عقل، همت ۽ حوصلي جو مظاهرو ڪرڻ، اخلاق آهي. سمي سردار جو مهائيءَ سان موهه، اخلاق آهي. راجا جو گندريءَ کي پٽ-راڻي بڻائڻ، اخلاق آهي. راجا جو راز اخلاق آهي، ۽ نوريءَ جو نياز اخلاق آهي. ڪليان آڏواڻي پنهنجي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾ لکي ٿو: "جام تماچي سمو سردار آهي، ۽ نوري گندري. سمي اهي سيڻ ڪيا آهن، جن جا مال مڏيون آهن ۽ هڏ هيڏل، جن کي ککيءَ هاڻيون ڪاريون آهن ۽ ڇڇيءَ هاڻا ڇڇ، جن جي بانڊ سان پاند لڳي نه هوند لڳ اچي، سندن گوڏ ۾ گند آهي ۽ پوشاڪ پاپوڙا: جام سائن سهج ٿو ڪري، ۽ نندين وڏين گندرين جي سندس ماڙيءَ مٿي ڏوم پئي پوي.

.... ۽ اها نوري، جيڪا نياز ۽ زوڙت جو مجسمو آهي، جنهن جي من ۾ نه گيرب نه گاهه، ڊڄي ٿي ۽ چوي ٿي:

"تون سمو آءٌ گندري، مون عيبن ۾ جوءِ،
پسي راڻين رُوءِ، متان ماگر مٽئين."

"تون سمو آءٌ گندري، مون ۾ عيب ۽ اپار،
پسي ليءِ لغار، متان ماگر مٽئين."

۽ پوءِ جڏهن نوريءَ مهائيءَ جو نياز، پٽ راڻين کي مات ڏئي ٿو وجهي، تڏهن لاکيٽو لطيف خوشيءَ وچان رڙ ڪري چوي ٿو:

ڪوءِ سُهڻون بڻن سومريون، جي اچن آوچي ڪاڻ،
وَر سي ڪينجهر جاڻيون، جن تماچيءَ جي ذات،
راڻين ملان رات، مائڻ سيءَ پيرائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيجل جو ماڻهن کي مسحور ڪرڻ، اخلاق آهي. راجا جو سُرَ تي سرچي، مڱڻهار کي مان ڏيڻ، اخلاق آهي. ڏياچ جو وچڻ پاڻ لاءِ سر صدقو ڪرڻ، اخلاق آهي. اخلاق جي انتها تہ اها آهي جو هو پنهنجي سر جي نذراني کي بيحد معمولي ۽ حقير سمجهي ٿو:

جاجڪ تو جُهار، ڏهہ پيرا ڏياچ چئي،
جنهن ۾ مال نہ ميريءَ جيترو، تنهن تون طمعدار،
جي اچهي ڪر ڪَپار، وڌهہ پيرا ويي ڏيئين!

(او چارڻ! جنهن سِر ۾ ڪاري سرج جي داڻي جيترو بہ مال ناهي، تون فقط اهو ٿو گهرين. جي منهنجو سر تو لاءِ ايترو ڪمائتو آهي تہ حڪم ڪر، اهو ويڪهہ پيرا بہ لاهي تنهنجي حوالي ڪريان!)

مطلب تہ پٽائيءَ جي سموري ڪلام جو هرڪو سُر، هرڪنهن سُر جو هرڪو داستان، هرڪنهن داستان جي هرڪا سٽ، ۽ هرڪنهن سٽ ۾ پوتل هرڪو املهہ ماڻڪ، اخلاق جو آڻيٽو آهي. اخلاق آهي تہ سيکجهہ آهي. اخلاق بنا انسان ڪاغذ جو گل آهي، پٿر جو ٿُوهہ آهي، ڪوهہ جو ڏيڏر آهي:

ماڻهو سيپ نہ سهڻا، پکي مڙئي نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، اچي بوءِ بهار جي.

اخلاق جي مٽيا، ملهہ سان گڻهڻ جي شيءِ ڪانهي. اخلاق انسان جي اندر جي اونهاين ۾ آباد آهي، روح جي گهراين تائين لڳل آهي. پٽ ڏٽي اندر جي اونهاين ۽ روح جي گهراين ۾ گم ٿي ڏٺو آهي. هو سنڌ جي اخلاقي عظمتن جو علمبردار آهي. اسان لاءِ ضروري آهي تہ سندس ڪلام کي پڙهون، پرجهيون ۽ ان مان زندگيءَ جي رهبري حاصل ڪريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غلام حيدر پرڙو
لڪچرر، قائداعظم يونيورسٽي،
اسلام آباد.

شاهه، سنڌي زبان جو مسيحا

تاريخ جي مطالعي مان اسان کي معتبر ۽ مستند ثابتيون ملن ٿيون ته آرين جي آمد کان پوءِ مقامي باشندا ڏڪڙجي ويا: هنن کان پنهنجا ثقافتي مرڪز، سماجي دستور ۽ قديم ريتون ۽ رسمون ته کسجي ويون پر کانئن پنهنجا پراڻا پڌ ۽ پٽ بہ ڦرجي ويا. تنهن بعد کين، لڏا مٿن تي ڪٽائي، در بدر زندگي گهارڻ تي مجبور ڪيو ويو؛ جنهنڪري اهي پنهنجي وڳر کان وڇڙجي ويا ۽ سندن زبان بہ انهن وانگر مجبوري ۽ لاچاري حالتن ۾ زندگيءَ جا پساهه پورا ڪرڻ لڳي.

اهڙيءَ صورتحال ۾ سنسڪرت، جيڪا آرين جي زبان هئي، تنهن کي وسيع ميدان ملي ويا، جتي گور ٿي چڙهي. سنڌ وادي جي زرخيز زمين جا گاهه کائي ۽ مهراڻ جو مٺڙو پاڻي پي، آها ايڏي ته ڳلهي ٿنڀري ٿي ٻڌي جو ساريءَ سنڌو-ماڻر ۾ زبانن تي ڪَرَ ڪنيو ٻڌي آلرون ڪيائين. جيڪا زبان بہ سنڌس اوڏو ٿي آئي، تنهن کي ٿونا هڻي ٻڌي پري ڏ ڪيائين، پر پاڻ هرهنڌ سولائيءَ سان درٻارن، مذهبي آستانن، ادبي توڙي ثقافتي جاين تي پهچندي ۽ پنهنجون پاڙون پکيڙيندي ٿي رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مان سنڌيءَ جي جان خلاصي تڏهن ٿي، جڏهن ڪيس فطري موت نهوڙي نيو.

سمجهه ۾ ائين ٿي آيو ته سنڌي زبان سنسڪرت جي مرڻ کان پوءِ سندس ملڪيت جي وارث بڻجي، پر دعويدار گهڻا ٿي پيا ۽ سنڌيءَ کي جيڪي ڪجهه ورهاست ۾ مليو، تنهن تي ئي خاموش رهي.

هوڏانهن يوناني، تواراني ۽ تاتاري توڙي منڊاري زبانن جي پڻيءَ کاڌ ڪئي، سي به اچي سنڌيءَ سان پڻي گسائڻي ڪنهن لڳيون. اهي پنهنجي گهر مٽائي موٽيون ته سندن رنگ برنگي بيج کي سنڌيءَ سموهي سوڌي آڻي پنهنجي عجائب گهر ۾ رکيل نادر شين ۾ شامل ڪيو.

اڄا سنڌي پنهنجي گهر ۾ ڪتابن جا ڪبٽ ٺيڪ ڪري رهي هئي ته عربن سنڌ فتح ڪري اتي عربيءَ جا ڪتاب رکڻ شروع ڪري ڏنا. اهڙيءَ ريت هاڻ عربيءَ اچي جهونا وٽاڻ وسايا، ۽ چڙواڳ ٿي ڇيڪ چرندي رهي.

هن کي ائين ڇيڪ چرندو ڏسي، ايرانيءَ اچي ساڻس ٽڪا ڏنا. هيترو پري ٿي ڪري پراون پٽن تي ايرانيءَ سان مقابلي جي عربي سگهه ڪين ساري سگهي، سو هنن حملن هٽي ڪيس ڪيرو ڪري وڏو ۽ ساڳيا مزا هاڻي فارسي ماڻڻ لڳي. وقت مان فائدو وٺي، فارسي به ايڏي مچي متاري ٿي پئي جو جنهن عربيءَ مذهب جي اوٽ وٺي مدرسن ۽ مسجدن ۾ وڃي پاڻ لڪايو هو، تنهن کي اتي به گهولي لڏائين. تڏهن جيئدان ڏنائينس، جڏهن پنهنجيءَ شراڪت جو شرط ۾جرايائينس. باقي دفتر ۽ درٻارون ته عربيءَ جي اچڻ لاءِ، اڳ ۾ ئي بند ڪرائي چڏيا هٿائين.

اهڙيءَ ريت، سرسبز ۽ ساون سڀين گاهن وارا وسيع ۽ ويڪرا ملڪي ميدان فارسي پاڻ چرڻ لڳي ۽ عربي فقر جا ٽڪر ٽاپ گهي ساهه تگائڻ لڳي، جنهنڪري وئي روز وڌيڪ لاغر ٿيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ضعيفي ۾ فارسيءَ لاءِ فائدي واري هئي، سو پاڻ ادبي محفلن، درٻارن ۽ دفترن ۾ مڪجي چڪجي وڃي وهڻ لڳي. هنن پنهي جي زور آزمائيءَ ۽ چڪتاڻ سبب سنڌيءَ کي وٽي لڳندي هئي تہ واندين جاين ڏن گهر گهڏيءَ ۽ سائي ساوڙي چونداريندي، پنهنجي کل سائي ڪندي ٿي رهي. جتي هر هنڌ عربيءَ فارسيءَ هنڌ وچائي والار ڪري ڇڏي هجي، اتي هن ڏيل ڏکيل ڏيريءَ ۾ ايتري سگهہ ڪٿي هئي جو انهن مان ڪنهن کي ريڙهي ٻري ڪري پنهنجي پٺي ايوانن ۾ اچي ناري! لاچار، ڪيس پنهنجا پراڻا پکڙا ڪم آڻا، جتي رات جا چار پهر اچي پورا ڪندي هئي.

شاهہ سائينءَ جي سنڌيءَ کي تڏهن سک جو ساهہ کڻڻ جي اميد جاڳي، جڏهن سنڌ مان مغلن کي سڙهہ سنباهي روانو ٿيڻو پيو پوي تہ ساڻن گڏجي فارسي پاڻ ۾ وڃڻ لاءِ تياريون ڪرڻ لڳي. پئي طرف، جن سنڌين، سندس جواني جا جوپن ڏنا ۽ ساڻس صحبت ڪندي چار گهڙيون گڏجي گهاريون هيون، سي ڪيس چڏڻ لاءِ راضي نہ هئا.

هوڏانهن مغلن جا خيما ڪٽائڻ لاءِ سنڌي سرويچ پتنگ بنجي پئي پچريا. پالا هٽي، پاڪرين پئي، ديس دروهن کي ڏڏڙ ۾ دسي پيوت ڪري، پچائي، سرخرو ٿي رهيا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ اهي ويري تہ ويا، پر مصلحت طور فارسيءَ کي هٿي ئي رهڻ تي راضي ڪري ورتائون.

مطلب تہ شاهہ جي ڏرتيءَ مان اسريل سنڌي زبان جو جسم سدائين پرڏيهي يلغارن سبب گهوڙن جي سنبن ۽ هاٿين جي پيرن هيٺان چيٽاڙبو پئي رهيو: ڪڏهن يوناني لشڪر جي ٽڏن ۾ ٽڏبو رهيو تہ ڪڏهن منگولن، تاتارين، تورانين، عربن، ايدالين ۽ مغلن جي حملن سبب ڪرندو، اٽندو ۽ وري ڪرندو ۽ ٽاپڙجندو رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مغلن کي ماري مڃائڻ کانپوءِ ڪلهوڙن پنهنجا پير پختا ڪيا. هي حاڪم هتان جا هئا ۽ سندن مادري زبان به سنڌي هئي، تنهنڪري ڪجهه اميد ۽ آسرو جاڳيو هو ته شايد هو هن ڏس ۾ ڪم ڪندڙ کن محنتي هارين جي مدد ڪندا ته جيئن ٿي سنڌيءَ جي نهور ٿي ويل زمين مان جهنگ جهر ڪپي، مٽانهيون ماري، بنا پارا سڌاري، نار ۽ هرلا چاڙهين، ڏڌهن کو سنڌيءَ جي سياوڪ ۽ سرهاڻ جو واس وڌي ۽ هند سنڌ جي هوائن ۾ هڪاءُ مچي. اهڙو ڪم ڪڏڻ ۾ شاهه سائين به شامل ٿي ويو.

لطيف جي هن ڏرتيءَ ۽ ان تي آباد لوڪن مٿان ڪئين جهڪون ۽ جهولا گذريا هئا. ڪارن ڪرن، ڪڙڪات مچائي، خوف ۽ خطرا پئي پئدا ڪيا. ارڙ بلائن به پنهنجا ور کوليا. ته پئي پاسي، مصيبتن منهن ڪڍي ٻڪ، بيماري، بيروزگاري ۽ جهالت ٻڌجي خوب جهنجوڙيو.

اهڙين حالتن غلاميءَ جا زنجير آندا، جيڪي هتي جي ساريءَ آبادييءَ کي پارايا ويا. جڏهن شاهه سائينءَ هوش سنياليو ڏڌهن انهن انسانن مان ڪن کي اهي ڳٽ ڳچيءَ مان ڪيڙ جي جدوجهد ڪندي ڏٺائين. پئي طرف عام ماڻهو مال ڪاهي ڏنگرن ڏار رهندا هئا، پر شهرن جي سڃاڻ ماڻهن ۾ به غلاميءَ جا سلا وڌي وڻ ٿي احساس ڪمتريءَ جا ميوا ڏيڻ لڳا هئا، جنهنڪري پيڙي ۾ پوريل پنڇيءَ وانگر هي غلاميءَ جا طوق پهرڻ جا عادي بنيل انسان آزاد هوندي به ڏهني طور پاڻ کي اڃا اڳوٽيءَ سرڪار جو غلام تصور ڪندا هئا.

هوڏانهن وڏن مدرسن ۾ پڙهي جديد نظريا، خيال، سوچون ۽ فڪر وٺي فارغ ٿيندڙ طبقو به ڏهني طور پنهنجيءَ زبان کي پيار ڪرڻ کان قاصر هو. نه رڳو ايترو بلڪ مڪتبن جي پيداوار کي به مباغ ۽ علماءُ اهو احساس ڏيارڻ ۾ مشغول هئا ته عربي ته مذهبي زبان جي حيثيت جي مالڪ ۽ بهشت جي ضمانت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ فارسي ادبي ۽ دفتري زبان آهي، تنهنڪري ان کي چڏي ڪا ترقيءَ ۽ سڌاري جي وات وڻي ڪانه سگهيو.

انهن حالتن هيٺ، هڪ طرف، پسماندگيءَ ۽ احساس ڪمتريءَ جا واجهه وڌندا پئي رهيا ته پئي طرف با شعور طبقو به سنڌي زبان جو سهارو وڻڻ کان ڪپائي رهيو هو. اهو هڪ اهڙو موڙ هو، جتان آزاديءَ ۽ بيهر غلاميءَ جا رستا نظر پئي آيا.

اهڙين حالتن مان ملڪ دشمن قوتن لي تقويت ملي رهي هئي ته انسانيت جا ويري به واهروءَ جو ويس پهري نڪري آيا ۽ استحصالي قوتون، چوغو مٽائي، مذهبي مسند تي براجمان ٿي ويٺيون ته جيئن ڪين ملڪي اتفاق ۽ اتحاد کي ڏ ڪ هڻي ڌاهڻ ۾ سولائي ٿي پئي. نفاق ۽ نفرت جا نغارا وڄائڻ لاءِ نه فقط مسجد کي استعمال ڪيو پئي ويو، پر مڙهي ۽ مندر ۾ به اسلامي اخوت جي خلاف زهر پئي اوگاڇيو ويو.

شاهه سائينءَ جي ڏرتيءَ کي ان وقت امن، اتحاد، اتفاق، ايڪي ۽ پڌريءَ جي سخت ضرورت هئي. اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن مذهبي جزو به اشتراڪ پيدا ڪرڻ ۾ ملڪ جي مدد ڪري نه سگهيو، تڏهن زبان جي ئي هڪ اهڙي مضبوط ريشمي ڊوري هئي، جنهن ۾ معاشري جا فرد تسبيح جي داڻن وانگر پوتل رهي پئي سگهيا ۽ فردن کي حقيقي زندگي گذارڻ ۾ اطف اچي پئي سگهيو. رابرٽ جونئر به اسان جي هن گالهه سان اتفاق ڪندي لکي ٿو: "معاشري ۾ حقيقي زندگي گذارڻ جو راز زبان ۾ پوشيده آهي."(۱)

شاهه سائين اهائي گالهه تمام آڳاٽو پهنجي مشاهدي مان ماڻي هئي ۽ چاهيائين پئي ته نفرت ۽ نفاق جي کوٽيل کاهيءَ

(1) Robert A. Hail, Jr: "Introductory Linguistics" New York, 1964, p.4.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان زبان جي پل ڪڙي ڪجي تہ جيئن ملڪي باشندا آنهيءَ جي وسيلي آڪري آزاديءَ جو لطف حاصل ڪن ۽ ملڪ مستحڪم رهي.

ٻئي طرف عالمن ۽ اديبن جا قلم بہ سنڌي لکڻ لاءِ ڪُند هئا، جو تہ اڄا سوڌو "دفتري زبان سنڌي ڪانہ ٻڌي هئي، پر فارسي پهنجا پر پٽاريو ويني هئي"(۱)، ۽ اهو احساس عام هو تہ سنڌي سنڌ جي ڳنوارن ڏنارن جهڙي اڻسڌريل آهي. سنڌي شاهہ لطيف جي پنهنجي زبان هئي، ۽ انهيءَ جي باري ۾ اهڙو افواهہ پڌي شاهہ سائينءَ جان نظر ڪئي تہ هڪ طرف ڪيس مخدوم نوح، شاهہ عبدالڪريم ۽ شاهہ عنايت جي ڪشڪول ۾ سنڌي شاعريءَ جا ڪڌا ڏسڻ ۾ آيا تہ ٻئي پاسي ڪان خود سنڌيءَ جو وجود بہ ڪيس اها گواهي ڏئي رهيو هو تہ منجهس زنده رهڻ جي صلاحيت موجود آهي. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ موهن جي ڏڙي کان بہ آڳاڻي زبان ترقي ڪري نہ سگهي ها ۽ پنهنجي ارتقائي منزل جي ڪنهن نہ ڪنهن ڏاڪي تي ڏهي پوي ها.

اهل لطيف کنڊ ورائي نهار ڪئي تہ سنڌس زبان کي ڪڏهن بہ سرڪاري سرپرستي نصيب نہ ٿي هئي، تنهن جي باوجود هن وقت جي وسعت مان لفظ ميڙي پنهنجا پاند ڪڍي پريا هئا.

اها هڪ اٽل حقيقت آهي تہ جنهن زبان جا پير ارتقا جي ڏاڪڻ چڙهندي ٽڙکڻ لڳندا آهن، سا سرڪاري سهارو ڳولهندي آهي. جيڪڏهن اڻن ناميد ٿئي تہ پوءِ، مشرف حسين جي چوڻ مطابق، "اها، مذهبي چوغو پهري، پرچار جو وسيلو

---

(۱) ايم. آر. مائيراساڻي: "مظلوم سنڌ"، ڪهاڻي ساهتيہ مندر، حيدر آباد سنڌ، ۱۹۴۹ع، ص ۱۶۲.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٻه ڪنهن پاڪ پوتر آستان تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندي آهي." (1)

هيءَ گالهه تہ اسان جي شاهدي ۾ ٻه آهي ۽ بشام ٻه شاهدي ڏني آهي تہ "مگدي (پالي) زبان صرف گوتم ٻڌ جي پرچار وسيلي واٽ ناهي موريا راجائن جي درٻارن تائين پهتي، تنهن بعد وڃي حڪمدارن مليو هوس." (2)

ٻئي طرف عربيءَ کي اسلام جي ماکي منهن لڳي هئي. فارسيءَ سرڪاري سرپرستي حاصل ڪئي هئي. بنگاليءَ جو ٻه مذهبي چشمي مان ريج ٿيو هو، تنهن کان پوءِ ترڪ دور ۾ انتظامي معاملن وسيلي مان مليس ۽ انگريزي دور ۾ دفتري زبان طور وڏي وڻ ٿيڻ جو موقعو ميسر ٿيس. پر اسان جي سنڌيءَ کي ڪڏهن ٻه اهڙو موقعو ڪونہ مليو. جڏهن ٻه وک ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين، تڏهن سرڪاري درٻار تائين رسڻ کان اڳ ئي وقت جي ظالم هٿن ڪيس نپوڙي نستو ڪري ڇڏيو.

گجراتي ٻ ڪشمري، جيڪا ۱۸۴۶ع ۾ شايع ٿي هئي، تنهن هن حقيقت تان پردو کنيو هو. پر ارنيسٽ ٽرمپ وانگر هنڙا ڪليل جملا ڪونہ لکيا هئائين تہ: "هندستان جي موجوده زبانن مان ڪابہ زبان مصلحتاً ايتريءَ غفلت جو ڪارڻ ڪانہ ٻڌائي وئي، جيترو سنڌي زبان ٻڌي آهي.... ابتدا کان وٺي هندستان جي مقامي زبانن ۾، سنڌيءَ کي سپ کان وڌ ڪ نفرت ۽ ڏکار جو باعث ٻڌايو ويو آهي." (3)

---

(1) Musharaf Hussain: Essay, "Pilgrimage of Bhit shah" Magazine, "Shah Lateef of Bhit" July, 1962, Hyderabad, p. 72.

(2) A. L. Basham: "The wonder that was India", Australian National university, canbera, second Edition, 1967, p 393.

(3) Dr: Annemarie Schimel: "Sindhi Literature", Germany, 1974, p. 2.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ گواهيءَ مان چگيءَ طرح معلوم ٿي وڃي ٿو تہ سنڌيءَ کي هر دور، ڏکي، مٿس درٻارن جا دروازا بند ٿي رکيا آهن. ٻئي طرف، مذهبي تبليغ جو وسيلو بنائڻ لاءِ بہ مبلغن وڃي غير زبان کي منتخب ڪيو هو. پر بزرگن جي سنڌي شاعريءَ شاهہ سائينءَ ۾ اميد جا ڏيا روشن ڪيا، جو تہ ايتري ڏٽڻجڻ جي باوجود بہ سنڌس زبان اظهار جي سگهہ ساري هئي.

رابنس جو چوڻ آهي تہ "زبان پنهنجي آسپاس واري ماحول مان جنم وٺندي آهي، جنهن کي سماج يا معاشرو ٿو چئجي. انهيءَ سماج جي ريتن رسمن، اٿڻ ويهڻ، غم ۽ خوشيءَ جي اظهار واري طريقي کي ثقافت يا ڪلچر ٿو ڪوٺجي. اها ثقافت انهيءَ سماج جي زبان لاءِ زرخيز زمين مثل ٿيندي آهي." (1)

شاهہ سائينءَ جي هن ديس جي سڌريل تهذيب ۽ تمدن واري سر زمين تہ ايامن کان وٺي سر سبز ۽ شاداب رهندي آئي آهي، پوءِ ان ۾ ئي آسريل زبان ڇو نہ زرخيز رهي!

ويرين شاهہ جي زبان کي پورڻ لاءِ پهہ ڪيا، پر پوءِ بہ ڪيس اڳتي رڙهندو ڏسي سنڌس زرخيز زمين يعني ثقافت کي کي مٽائڻ ۾ مشغول ٿي ويا تہ جيئن اهڙيءَ عاليشان عمارت کي ڍاهي پٽ ڪجي، جتان هن زبان جي منهن تي ڏڌي پاڻيءَ جا چنڀا لڳندا رهن ٿا.

اهڙيءَ ريت، سوچيل ۽ سڌيل سٽاءَ موجب، سماجي محفلن ۾ نواڻ اچي وئي: ڏڌي ۽ ڏئونري جي جاءِ گلم ۽ غاليچن والاري، نوڪر چاڪر هٿان پاڻي پيئڻ بجاءِ سهڻي ساقيءَ جي هٿن سان پٽمانو پيئڻ وڏ ماڻهپائيءَ جي علامت بنجي ويو، تہ

(1) R. H. Robins: "General Linguistics — An Introductory Survey", Great Britian (London), 4 th Edition, 1968, p. 16.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرندي گھڙي، گاگھر، بينن ۽ مرلين کي به سارنگيءَ، طبلي، رباب ۽ چپر جي چمڪي، گڏجي، محفل مان اڏاري ڪڍيو هو.

ساڳيءَ ريت لباس ۾ ٽوڙي ڪڙي لٽي ۾ ڦيرو اچڻ شروع ٿي ويو. پٽڪي يا پگ کي لاهي ماڻهن قبا ۽ ڪلاه پائڻ، شلوار ۽ پهراڻ جي بجاءِ پيشواز، فرغل، پاجامو ۽ اچڪن پائڻ باعث فخر جي گالهه ليکجڻ ۾ آئي، ۽ ڪمربند وري اجرڪ ۽ لونگيءَ کي لهرائي چڏيو هو. انهيءَ گالهه جو اثر سنڌ جي هنر ۽ حرفت تي اهڙو پيو جو ڪمين ڪاسبين، ڪورين ۽ ڪاپائڻين جي روزي تنگ ٿي پئي. آڏائا ۽ آٽ آجڙڻ لڳا. سنڌ جا ثقافتي ۽ سماجي قدر تباهه ٿيندا پئي ويا تہ اقتصادي طور عام ماڻهو ۽ پورهيت، ادارن آجڙڻ ڪري، بکون ڪاڻ لڳا هٿا، ۽ انهيءَ نموني موهن جي دڙي واريءَ ثقافت جي پکيءَ ٻيڙهه واري هن سدا ملوڪ محل کي چيٽا ٿڦي، بدصورت بنائي، قابل حقارت ڪيو پئي ويو.

تهذيب، تمدن ۽ زبان قومن جي انفراديت کي آجاگر ڪندڙ جزا ۽ انهيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ راکا هوندا آهن. مولانا دين محمد وفائي لکي ٿو تہ "ڪنهن قوم کي ختم ڪرڻ جو بهترين طريقو سندس زبان ۽ ثقافت کي ختم ڪرڻ آهي. اها پوليٽي آهي، جنهن سان قومن جا اعليٰ قدر ۽ جرڪيدار جوهر ظاهر ٿي سگهن ٿا."(1)

اردو انسائيڪلوپيڊيا تہ رڳو هن لڪڻ تي اڪتفا ڪئي آهي تہ "زبان کان سواءِ علمي، تهذيبي ۽ ثقافتي ترقي ڪرڻ ناممڪن آهي"(2). ۽ مسٽر گري، جيڪو علم الانسان جو ماهر آهي،

---

(1) مولانا دين محمد وفائي: "شاهه جو مطالعو"، ڪراچي سنڌ، ۱۹۶۲ع، ص ۴.

(2) "اردو انسائيڪلوپيڊيا": فيروز سنز، لاهور، پهرو چاپو، ۱۹۶۸ع، ص ۷۵۶.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن ڪنهيءَ ڏکڻي جي وضاحت ڪئي آهي ۽ ان ۾ اضافو ڪندي لکيو اٿس تہ "زبان، قوميت پيدا ڪرڻ ۾ تمام اهم ڪردار ادا ڪري ٿي"(1). تاريخ جو مطالعو ڪندي ۽ انسان کي آرين واري باب مان معلوم ٿئي ٿو تہ اتي آڏرش زبان بچائڻ خاطر ئي قوم پرستيءَ جنم ورتو هو(2).

اها ساڳي ڳالهہ شاهہ سائينءَ سوين سال اڳي پروڙي ورتي هئي؛ جو تہ لطيف شاهہ سائينءَ ۽ اهو پئي چاهيو تہ زبان ئي اهڙو اهم جزو آهي، جنهن جو عڪس ملڪي سلامتيءَ تي ٻہ پوي ٿو تہ سماجي، سياسي، تاريخي ۽ نفسياتي قدر ۽ اڳاڙي ٿي سگهن ٿا. رُسايلن کي ريجهائڻ ۽ رنجش کي راحت، نفاق کي اتفاق، ۽ نفرت کي محبت ۾ مٽائيندڙ ماپو ۽ زبان جو ئي آهي.

لعل لطيف ڳوڙهي ويچار لاءِ اندر اجاري آئينو ڪيو، جتي ڪيس پري کان هن ڳالهہ جو پرتوو نظر آيو تہ پنهنجي زبان ۽ ڪلچر کان منهن موڙي، ڌرتيءَ جي سڪ ۽ پيار کان پاسيرو ٿي، ڪو ٻہ شخص فراريت جي راهہ اختيار ڪرڻ چاهي، هزار حيلا هلائي غير رنگ ۾ پاڻ رنگي وڃي، ۽ وجود وڃائڻ جا جيڪي وٽيس اهي جتن ڪري، پر ائين ڪري ڪين سگهندو. انسان کي پنهنجي ڌرتيءَ سان ازل کان وڃي آڻس ۽ پيار آهي. سنڌس زبان تي جيڪو هن ماءُ جي ٿڃ جو تاثير ڇڏيل آهي، اهو مرڻ کان اڳي ڪٿي ٿو ميٽجي سگهجي.

جهڙيءَ ريت انساني وجود ڌرتيءَ جي دل مان پاڻي پي پلجي جوان ٿئي ٿو، تهڙيءَ طرح زبان ۽ ڪلچر جا وجود ٻہ انجير جي ميوي وانگر سڌيءَ طرح ڌرتيءَ جي ڏڙ مان جنم

(1) Louis, H. Gray: "Foundation of Language", New yark, Third Edtion, 196), p. 117.

(2) Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽن ٿا. منڙي مادري زبان اکين جو آرس آهي ته دل جو قرار هيءَ ڏرتي آهي. هنن ٻنهي ملکائن تي انفراديت جو ڇٽ ته فطرت جي وجود کان وٺي رکيل آهي. هنن جو انسان سان جيکو ازلي گانڍاپو ٽيل آهي، تنهن کي ٽوڙڻ لاءِ ويرين کي وار کندو ڏسي، هين پتنگ ڪيئن نه پهه ڪيو هوندو؟

جتي به ظالمانه ۽ جابرانه پرماريت جو دور شروع ٿيندو آهي، اتي جا ڪجهه ڪمزور دل انسان، بزدل ۽ مفاد پرست شخص پنهنجن مفادن جي تحفظ خاطر ۽ ظاهري رعب تاب توڙي وڏماڻهپائي برقرار رکڻ جي شوق ۾ حاڪم جي خوشامد ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن ته جيئن سندن عيبن تي پردو پيو رهي— پوءِ پلي ان جي اوٽ وٺي ظلم ۽ جبر توڙي ڏاڍ ڏمر ۽ ڏهڪاءَ جا ڏينهن وڌندا رهن.

حاڪم کي خوش رکڻ ۽ سندس منظور نظر ٿيڻ خاطر اهي انسان سچ کي سوريءَ چاڙهڻ ۽ رات کي ڏينهن ڪوڙ کان به ڪين ڪهائيندا آهن. اهڙي دور ۾ کي مصلحت پسند مورخ ۽ وقت کي وچ ۾ ويهارڻ وارا ادیب به اچي مڙندا آهن ته ڏات کي ڏور ٻڌي، گوندر ۾ گهلڻ وارا شاعر به اچي اوڏر ۾ بيهندا آهن. بلڪل ساڳي حالت سنڌ ۾ ارغونن، ترخانن، ابدالين ۽ مغلن واري پرماري دور جي هئي.

مفاد پرست ماڻهن پوشاڪ بدلائي، پير، امير ۽ عالم بنجي، حاڪم جي شان شوڪت جي تعريف واري تسبيح پڙهي، اعزاز، القاب ۽ رعايتون پٽي ورتيون. اهڙن انسانن کي نوازيو پئي ويو، جن کي عوام ۾ ڪابه عزت ڪانه هئي. پوءِ به اهي جاگيردار، نواب ۽ رئيس بنجي شاهاڻي نٽ واري زندگي گذاري رهيا هٿا. سندن عياشيون، آرام ۽ اعزاز ڏسي، اديبن ۽ شاعرن کي به رشڪ اچڻ لڳو. هنن قلم سنياليو ته ان جي هر جنبش فارسيءَ جي تخليق بڻجندي ويئي. علمي گفتگو ۽ مباحثن کان علاوه تاريخ، تفسير، انشا پردازي، حديث، ديوان ۽ مثنوين سان فارسيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو سينو ستبو رهيو ۽ انهن جي خالق کي اعزاز ۽ القاب ملندا رهيا. ڪئين ڏڻل وائڙل ۽ جاتل سجاتل چهرا ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ جا واهر وسيلا بنجي پيا. اهڙي ماحول ۾، سائين لطيف جنهن طرف به نگاهه پيئي نيئي اوڏانهن پنهنجيءَ زبان لاءِ واٽون بند پئي ڏٺائين. البت هڪڙي سگهڙن جي سٽ ڏانهن ڪُلندڙ ڪڙهه ڪُليل هئي، جتان هنن سڀاجهڙن پوتيون وڃائي، ڪنڌن کان بچائي، سنڌيءَ کي سيني لاتو هو.

انهن کائنس احوال ورتا ۽ واهر بنجي گهاها، ڏوهيڙا، بيت، ڳجهارتون، قصيدا ۽ داستان هٿيارن طور کڻي نڪري نروار ٿيا، پر انهن ۾ حاڪم جي هيڏي ساري غنيم سان پڇڻ جي وات ڪٿي، جن کي پاڙيتو ۽ پالپل اديب ۽ شاعر هشڪاري ۽ هانپاري رهيا هئا.

مطلب ته شاهه کي سنڌيءَ جا وارَ و ڪريل، اکين ۾ آب، ڳلن تي ڳوڙها ۽ چپن تي آهون ڏسڻ ۾ آيون. سندس اهڙيءَ حالت کي ڏسي، کيس خطرو محسوس ٿيو ته جيڪڏهن هيءَ انهيءَ حالت ۾ به سست رفتاريءَ سان رڙهندي رهي ته هڪ هنڌ ساڻي ٿي ڪري پوندي ۽ فارسيءَ جي آڏاڻ دز ۾ دفن ٿي ويندي.

پٽائي گهوٽ هن قوم کي زندگي ۽ موت جي پواڻي تي جو بيواهو ۽ پريشان بيٺل ڏٺو، ته سنڌ کي ٻيهر غلاميءَ جي آري ۾ اچي وڃڻ جا کيس سوين وسوسا وکوڙي ويا. انهن مڙني مسئلن جو حل هو زبان کي زنده رکڻ. اهو ئي هڪڙو چارو هو، جنهن تي وک وڌائڻ سان اهڙي ٻيانڪ رات جي خطرناڪ خاموشيءَ کي ٽوڙي ملڪ کي پاسي بدلائڻ جو موقعو ٿي مليو، ۽ ماڻهن ۾ مدتن کان ويڙل محروميءَ واري احساس کي ميٽائي، سنڌن جيوَن جي سڃيءَ بستيءَ کي ٻيهر آباد ڪري، دلين ۾ اميد، آس ۽ آزاد هجڻ واري جوت جلائڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممڪن هو. زبان هوندي ته انسان جي سوچ ۽ فڪر ۾ بہ فرق اچي سگهي ٿو. نفسيات جي ماهرن جو چوڻ آهي ته سوچ بہ زبان جي محتاج آهي. اهو ئي واحد وسيلو هو، جهن کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ سان انسان پنهنجي تقدير جي ڦرهي پاڻ پڙهي پئي سگهيا. صدين جي سفر دوران، راهن تي رت جا ريٽا گلم وڇائي، هتي جي جوانن جنهن آزاديءَ جو آڌرپاءُ ڪيو هو، تنهن جي بقا جو دارومدار بہ سمورو ئي زبان جي زندگيءَ تي هو.

مسٽر هيئري، علم بشريات جي ماهر جو قول آهي ته "زبان نہ هجي ته پوءِ اظهار خيال جو ٻيو ڪو بہ وسيلو انساني تاريخ جو وجود قائم رکي نٿو سگهي. اهو تاريخ جو وجود ئي آهي، جيڪو انسان کي پنهنجي ماضيءَ ۾ جهاتي، پارائي ٿو ته مستقبل ۾ بہ ارتقاءَ جون راهون روشن ڪرائي ٿو." (۱)

هر ڪا زبان تيسين پنهنجي باروٽڙ واري عمر ۾ ليکبي آهي، جيسين منجهس سوچ، فڪر ۽ خيال جي اظهار جي قوت نہ پيدا ٿي آهي. انهيءَ ڏاڪي تي پهچڻ لاءِ زبان کي پاڻ ۾ گهٽي ڪان گهٽو لغوي خزانو جمع ڪرڻو پوي ٿو. تڏهن ئي آڪا پنهنجن گالهائيندڙن جي اندر جي آسات ۽ ذهني ولوڙ جو مناسب اظهار لفظن وسيلي پيش ڪرڻ جي لائق بنجي ٿي.

لفظن جي اهميت سيد غلام مصطفيٰ شاهہ هن طرح لکي آهي ته "لفظن ۾ تاريخ ۽ جاگرافي آهي. لفظن ۾ روح، ايمان ۽ حب‌الوطني آهي." سيد سليمان ندوي چوي ٿو: "لفظ، خيالن جي تصوير آهن، ۽ انساني عمل وري خيالن جي طابع ٿئي ٿو. تنهنڪري، ڪنهن قوم جي زبان مان مراد آهي اُنهي قوم جو تمدن، تاريخ، مذهب، جذبات، خيالات ۽ هر چيز." (۷)

---

(1) "انگريزون ڪي لساني پاليسي"، ڪراچي سنڌ، ۱۹۷۰ع ص ۶۷.

(2) سماهي "مهراڻ"، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، جلد ۱۹، نمبر ۳، ۱۹۷۰ع، ص ۷۱.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙا عالماڻا ۽ ماهراڻا نڪتا شاهه سائينءَ ته سوين سال اڳ ۾ اوتي ورتا هئا. لطيف پنهنجيءَ پياريءَ زبان ۾ نئون لفظن گهڙڻ جي قابليت پسي ورتي، تڏهن ته آوٽڙ، سُٽڙ، جهاڳ، اجهاڳ ۽ ريت، ڪُريت جهڙا لفظ گهڙي شاعريءَ جي هار کي سينگاريائين. هُن منجهس پراڻن اکرن ۽ آچارن کي پاڻ ۾ورڻ واري صلاحيت به ڏني ته نئون لفظن سان جهول پرڻ جي لياقت به پروڙي ورتي ۽ وقت جي وهڪري ۾ وهي آيل خوشبودار ۽ سوادي حرفن کي پنهنجي سيني ۾ سانڍڻ واري سندس اهليت کان ته ايامن کان ونئي واقف هو. تنهنڪري ئي لعل لطيف، مهراڻ جي موجن مان موتي آڻي، سموند جي سيني تان سپون ميڙي، ماروئءَ کان وطن جي حب وٺي، ٿر وٽان ٿوهر ۽ ٽوڪ هٽ ڪري، ڪاڪ محل مان مومل جا ماڻا ڳنهي، بنگن کان آڳ اُجهائي، سسئيءَ کان اڻل ارادو ۽ مارڳ تي مرڻ ۽ پير تي پٿرن ٽپڻ وارو سبق سکي، حرف چونڊي، اکر ٺاهي. ۽ اهڙيءَ ريت سنڌيءَ جي ڏکويل ڏيل جي سيوا ڪري، سندس سرير کي سڳهو ڪري، خوب سينگاريو.

سنڌي ثقافت جي سدا حيات سرزمين کي جو لطيف سائين جهڙو مانجهي مڙد مٽير ملي ويو، تنهن زبان جي چاشنيدار چشمي کي ڪٽي ڪوليو، جنهن جهر جهنگ، واهڻ ۽ وستيون ته واسي چڏيون پر بحر ۽ بر ۾ سنڌيءَ جو پيغام پڙهڻ لڳا.

شاهه سائين عوامي شاعر هو، تنهنڪري هُن عوام کي سجاگيءَ جو سنيهو سنڌن ئي زبان ۾ سڻائڻ چاهيو ته جيئن هو اهو سمجهي اندر ۾ اورين ۽ پنهنجي قسمت پاڻ بدلائڻ لاءِ مچي مڙس ٿين. اڄ سنڌي زبان وٽ جيڪا خيال جي گهرائي، وسعت ۽ ڪشادگي، اڻ ميا اکر، سادا پر رس ۾ رچيل اصطلاح، ترنم ۽ ٽڪبندي، سوز ۽ ساڻ، پيار ۽ پاپوهه ۾ پليل حرفن جي مايا موجود آهي، سا سڀ سهڻي شاهه جي محنت ۽ محبت جو ئي نتيجو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال، نه صرف سنڌي ثقافت کي لعل لطيف جي روپ
۾ محافظ ملهيو، جنهنکري سنڌين توڙي سنڌ جي آزادي ۽
انفراديت برقرار رهي سگهي، پر سنڌي زبان کي به سرڪين
سان ستهون پيارڻ لاءِ مسيحا ملي ويو ۽ اڄ اها دنيا جي زنده
زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معمور يوسفاڻي

شاهه جا سورما

سيئي تاريخدان انهيءَ ڳالهه تي متفق آهن ته سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جو زوال ٻي صدي هجريءَ ۾ ٿيو، ۽ ڏهين صدي هجريءَ جي وچ ڌاري اهو انهي نوبت تي پهتو جو سنڌ ۾ عربن جي حڪومت فقط منصوره ۽ ان جي آس پاس تائين وڃي بچي هئي. ملڪ جي جدا جدا حصن تي جدا جدا حڪومتون قائم ٿي چڪيون هيون. انهن ۾ اڪثريت مقامي قومن جي هئي، جن مان سنڌ جي ڏکڻ-اوپر وارن حصن تي ۽ ڪچ جي ڪناري تي سمن سردارن جي رياستن کي وڏي اهميت حاصل هئي. انهن مان ڪيترا سردار پنهنجين خاص خوبين جي ڪري اهڙا ته مشهور ۽ ممتاز هئا جو ڇهه ست صديون پوءِ به سندن ڳڻ جا گيت ڳايا پئي ويا، جن کان متاثر ٿي سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کين ڇڳيءَ طرح ساراهيو ۽ ڳايو آهي.

اهڙيءَ طرح مين شاهه عنايت رضوي، خليفي نبي بخش لغاري، صديق فقير سومري ۽ ڪن ٻين عوامي شاعرن جي ڪلام ۾ به انهن بابت ڪافي اشارا ۽ اهڃاڻ ملن ٿا، جن تي جيڪر غور ٿو ڪجي ته اڄ کان هڪ هزار سال پراڻي تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت ڪافي مواد ملي ٿو، جنهن جي آڌار تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسين انهن سورمن ۽ سورهين جي تاريخ مرتب ڪري سنڌ جي تاريخ ۾ ڪافي اضافو ڪري سگهون ٿا.

هن مقالي ۾ آءٌ پنهنجيءَ سمجهه ۽ ڄاڻ آهر سنڌ جي ڪن سورمن بابت لطيف جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ بحث ڪندس.

ڄام انڙ

سنڌ جي سورمن مان پهريون سورمو ڄام انڙ ولد ڄام سمون هو، جيڪو نائين صدي عيسويءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ڏهين صديءَ جي منڊ ۾، ڏيرڪ پرڳڻي جو حاڪم هو. ڏيرڪ جي گاديءَ جو هنڌ ساموئي يا سمانگر هو، جيڪو مهراڻي جي ايراضيءَ ۾ ونگابازار جي وچ ۾ نئينڪوٽ جي آس پاس هو، جنهن جو باني ڄام انڙ جو ڏاڏو ڄام لاکو گهوراڙو هو. هو عام طرح سيڪنهن ماٺهوءَ ڏانهن گهوري ڏسندو هو، جنهن جو ذڪر ڪچ ۽ سنڌ جي تاريخن ۾ به ملي ٿو.

ڄام انڙ به پنهنجي ڏاڏي ڄام لاکي گهوراڙي وانگر ڏيا ۽ ڏيڪ وارو هو، جنهنڪري سيڪنهن کي جرئت ڪانه هوندي هئي جو سندس منهن تي چڙهي. پر سندس سخا ۽ ڏاتارپ واريءَ خوبيءَ جي ڪري مگڻهار ۽ چارڻ بي‌دپا ٿي سندس سامهون هليا ويندا هئا، جو هو سائلن ۽ گهرجائن جي عزت ڪندو هو ۽ ڪين ڪڏهن به خالي نه موڪلائيندو هو. سندس انهيءَ روش بابت سنڌ جي سرتاج حضرت پٽ ڏڻيءَ اڇهو هيئن فرمايو آهي:

ڄاڻڙ ۾ آس گهڻي، تهان وڏيرو ڊپ،
ايءُ مگڻهارن سپ، جو نه موڪلائي مگڻا.

ڄام ڄاڻڙ نه رڳو سخي ۽ ڏاتار هو، پر هو سُرن ۽ راڳ جو به وڏو ڄاڻو ۽ پارکو هو؛ انهيءَ ڪري سندس در تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳائڻ ۽ سازائڻ جون سڀائين محفلون متل هونديون هيون ۽ هو انهن کي وڏا لاڳ ڏئي مان سان موٽائيندو هو.

سندس انهيءَ عادت بابت حضرت پٽ ڏٽي، سچڙ چوٽاٽيءَ سان گڏ سندس ذڪر اجهو هيئن ڪيو آهي، جنهن ۾ راڳيندڙن کي صلاح ڏيندي چئي ٿو ته:

چارڻ چوٽاٽي مڱي، ڪيرت کا ڪماءِ،
لنگها ٽون ليلاءِ، اڳيان آنڙ جام جي.

جام آنڙ کان پوءِ، ڏهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري، سندس پٽ جام تماچي عرف جام سمي جي سرداري شروع ٿي، جنهن جي دور ۾ ماموين فقيرن وارو واقعو پيش آيو. ماموين جا چيل بيت سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اهم جاءِ والارين ٿا ۽ انهن بابت لطيف سائين سُر راڻي ۾ اجهو هيئن ٿو اشارو ڏئي:

لـڌوڻيا لوڌي ٽيا، وطن منجهه وصال،
اڄ ارتـو اڪيين، ڪاڪ پيتائـون ڪالهه،
ويـئي ويچارن وسري، صباح جـي سنيال،
پـريـن کـان پاسي ٽيا، مامـوين مثال (۱)
جانب جـي جمال، رڳي پس ريٽو ڪيا.

انهي دور ۾ ايرندي سنڌ جـو مشهور وهڪرو، الهندو هاڪڙو، جيڪو آڳاٽي دور کان اروڙ واري ڦاٽ جي ڪري مهراڻ جو هڪ مکي وهڪرو بنجي وهي رهيو هو، سو سنڌو جي موجوده وهڪري جي زور وٺڻ سبب ڪمزور ٿي پيو هو. ان جي ڪري لاڙ، ٺر ۽ ڪچ جي ڪن حصن جو اڳوڻو اوج گهٽجڻ لڳو هو، جنهن کي ڏسندي هڪ فقير دعا طور چيو هو:

---

(۱) عام چوٽي: پرينءَ کي پسي ٽيا، ماموين مثال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇندي پنڌ اروڙ، هاڪ وهندو هاڪڙو،
ٻيهر، مڇي ۽ لوڙه، سمي ايندا سوڪڙي.

اهڙيءَ طرح، ٻئي فقير وري ملڪي حالتن جي تبديليءَ کي سامهون رکندي، ماڻهن کي مشورو ڏنو هو ته:

جيڏهن وهجو ماڻهوئا، ننگر جي آڌار،
ٻراڙيا ٻرار، نوان اڏجو نجهرا.

هتي 'ننگر' مان مراد 'سما ننگر' جو شهر آهي، جيڪو هاڪڙي جي ڪناري تي هو، ۽ هاڪڙي ۾ پاڻيءَ کي گهٽجندو ڏسي، فقير ماڻهن کي صاف صاف چيو هو ته اوهين هاڻي 'ننگر' يعني 'سما ننگر' ۾ نه ويهجو، چو ته اهو جلدي ڦٽڻ وارو آهي: انهيءَ ڪري اوهين 'پراڻ' کان پريان، يعني پراڻ جي الهندي طرف هليا وڃجو، جو پاڻيءَ جو رخ اوڏانهن آهي.

اهي ماموئا فقير، جن کي اسان جي ڪن محققن غلطيءَ وچان ماموئي يا ساموئيءَ جا فقير ڪوٺي، سما ننگر بدران ٺٽي ننگر ۾ پهچائي، ڪين پنهنجي اصلي دور کان صدين اڳتي آندو آهي، اهي ماموئا فقير يا 'هفت تن'، ٺندي جان محمد جي ويجهو، پراڻ جي ڪاپي ڪپ تي، آمريءَ جي مشهور تاريخي قبرستان ۾ دفن ٿيل آهن، جن جي قبرن تي اڄ به وڏا ڇٽيل پٿر پيل آهن، جن مان اهو ٿو معلوم ٿئي ته قديم دور ۾ هتي پٿر جا مقبرا نهيل هئا.

انهن فقيرن ۽ آمريءَ بابت مبين شاهه عنايت رضويءَ پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ اشارا ڏنا آهن، جنهن جو ٽلهه هن طرح آهي:

سمن صالحن، توڙان طالبن، اصل آهي آمري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جام سپڑ چوٹاڻي

جنهن زماني ۾ جام انڑ ڏيرڪ پرڳڻي تي راج ڪري رهيو هو، تنهن دور ۾ ڪڇ جي ٻيلي، ڪڙير، چوٹاڻي ۽ سنڌ جي ڪڇ، واريائي ۽ ٻڌن واري علاڪي تي جام سپڑ رونجهو حڪومت ڪري رهيو هو، جنهن کي لطيف سائين 'ٻيلي ڏڻي'، 'ٻٽ ڏڻي' ۽ 'چوٹاڻي' پڻ سڏيو آهي.

جام سپڑ سنڌ جو مشهور سخي ۽ ڏاتار هو، جنهن جي تعريف ۾ شاهه سائين اِجهو هيٺن ٽو فرمائي:

ونهين سکا سانگ پري، چوٹاڻي سان چوٽ،
ڏيو ڏان ڏڏن کي، سپڑ سخي ڏي،
ان راهه متي رونجهي، ماڻڪ اچليا مينهن جيئن.

ٻئي هنڌ جام ابڑي ڏانهن اشارو ڪندي، سپڑ جي سخاوت بابت اجهو هيٺن ٽو فرمائي:

ابڑو اگهامن ۾، سپڑ جيئن ٻيلي،
سي ٻٽ ڪنهن نه پوٽيا، جي ٽو پڑ ٻيلي،
سڃڻ سانوڻ مينهن جيئن، رجون ٽو ريلي،
اچن جي ويلي، تن بور بخشي 'ٻٽ ڏڻي'.

هو نئن ته سمن سردارن ۾ ڪئين سخي ۽ ڏاتار ٿي گذريا آهن، جن جي سخاوت جا گڻ اڄا تائين پيا گيتن ۾ گائجن، پر سپڑ اهڙو سخي هو جيڪو نه رڳو در تي آيل مڱٹهارن ۽ چارڻن کي ڏان ڏيندو هو، پر هو ماڻهو موڪلي، ملڪ جي گهرجائن کي گهر ويني خيرات پهچائيندو هو. لطيف سائين ان بابت اجهو هيٺن ٽو اشارو ڏئي.

در آئي مڱٹي، ڏان سيڪو ڏئي،
سپڑ سي ساري، جي جهوپڑين ۾ جهپڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄڻ جي انهيءَ روش جي ڪري ڪيترائي گهرجائو ۽ جڏا فقير ڏاڍهنس نياپو موڪلينداهئا تہ اسان کي ڏان موڪلي ڏي انهيءَ بابت پٽ ڏڻي چوي ٿو:

چارڻ لڳو، پنڌ گهڻو، چوٽائيءَ چڙيج،
هت ڪي هلائيج، اتي آءٌ نہ اچڻو.

سڄڻ ڏاتار ۽ سخي هجڻ سان گڏ و گڏ اهڙو پارکو هو جو گهرجائوءَ کي ڏسندي ئي صحيح ڪري ونندو هو تہ هن کي فلاڻيءَ يا فلاڻيءَ شيءِ جي ضرورت آهي ۽ پوءِ هن جي گهرڻ کان پهرين، اها کيس ڏيئي، پوءِ پيو حال احوال ونندو هو. سڄڻ جي انهيءَ سياڻپ ۽ همدرديءَ بابت لاکيڻي لطيف هنريت اشارو ڪيو آهي:

ٻاجهاڻو ٻيلي ڏئي، ٻجهان ٻاجهہ ٿي،
سڄڻ سا سُڻي، جيڪا چارڻ چت ۾.

سڄڻ جي انهيءَ ڏاتاريءَ کان متاثر ٿيندي، لطيف سائين طاماڻ ۽ گهرجائڻ کي صلاح ٿو ڏئي تہ:

اڻو ميراڻي مڱڻا، سڄڻ سڏ ڪئا،
سوجهن سُئا، ابوجهن کي آسرو.

چاڻ سڄڻ راڳ ۽ ساز جو پڻ وڏو پارکو ۽ قدردان هو، جنهن جي ڪري ڪيترائي مڱڻا اسر مهل اتي سندس در تي وڃي، ٻُوهاڳ ڏيندا هئا، انهيءَ ڪري کين تمام گهڻو ڏان ملندو هو. سو پٽ ڏڻي بہ سست ۽ غافل چارڻ کي چوي ٿو تہ:

ڏيکاءِ ڦٽاءِ ڏڏ جا، اڳيان وڌ-وهاڳ،
متي پونئين مڱڻا، سندا ڏينهن ڏهاڳ،
رڻو ڏاران راڳ، سڄڻ رات سمنگهو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين،
اٿي آڏيءَ نـه ڪرين، سپڙ ساڻ سهٽ،
رونجهي رات آپـٿـيـا، پيٽينئون پاڻيٽ،
ميڙي تئان مـٽ، چوندي پريا چارڻين.

چام سپڙ جي دور ۾ سندس سخا ۽ ڏاتاريءَ کي ڏسندي، سندس علائقي جا مارو ۽ مالدار به سخاوت جون عادتون سکي ويا هئا. جيئن لطيف سائين فرمائي ٿو تہ:

تن ونهين سنگهارن جي، سونهاري ساجاڻ،
پوءِ ٿـا پين پـاڻ، پهرين پيارين پهيڙا.

پنرو بداماڻي

جنهن دور ۾ چام انڙ ڏيرڪ پرڳڻي ۾ ۽ جـام سپڙ ٻيلي ۽ چوٽاڻي ۾ راڄ- ڏڻي هئا، تنهن دور ۾ چام پنرو بدام جي علائقي ۾ حاڪم هو. ڪيس انهيءَ ڪري پنرو بداماڻي سڏيو ويـو آهـي، ۽ اهـو 'بـدام' جو علائقو ڏيرڪ جي اولهه ۾ هو، جيڪو بدين ضلعي ۽ ٺرپارڪر جي جهڏي واريءَ ايراضيءَ تي مشتمل هو، جنهن جا آثار ميرن جي دور تائين به موجود هئا جو ڏنڊي باگي جي حاڪم مير باگي خان جي هڪ جاگير جو نالو 'بدام' هو. مير صاحب، خليفي نبي بخش کي مٹيءَ مان گهرائي انهيءَ 'بدام' واريءَ جاگير ۾ اچـي رهائيو هو. خليفي صاحب اتي به 'مٹيءَ' نالي نئون ڳوٺ ٻڌو هو، جنهن جاءِ تي سندس پويان هن وقت به آباد آهن. شاهہ عبدالطيف ٻٽائيءَ بدام جو ذڪر هن طرح ڪيو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪيا برجن سين،
ساز، سارنگيون، سرندا، وڄائي ٻر چنگ،
صراحيون سارنگ، پلٽيون رات بدام تي.

پنرو بداماڻي سنڌ جو اُهو سورهيه سردار هو، جنهن جي دور ۾ سنڌس راڄڌانيءَ مان ڪنهن کي به لوڙيون هٽ جي جرئت ڪانه ٿيندي هئي. اتفاق سان جيڪڏهن ڪو هاڏو اهڙي جرئت ڪري، پنري جي علاڪي مان مال ڪاهيندو هو ته پنرو کيس وات ۾ ڏيچي، ڪانئس مال کسي وٺندو هو. ڪنهن شاعر سنڌس انهيءَ همت ۽ تيريءَ جو ذڪر اجهو هيئن ڪيو آهي:

ڪنڈيءَ مور ڪٽڪيو، وڳن واجهايو،
بداماڻي پنرو، جمو ٻُجهي سو آيو.

پنرو اهڙو سورهيه سردار هو جو نه رڳو پنهنجي راڄ جي رکوالي ڪندو هو، بلڪ پر وارن علاڪن جي سردارن جي سڏ تي به پهچندو هو. انهيءَ ڪري سنڌس ساڻي ۽ سنگتي ڏڪئي وقت ۾ کيس مدد لاءِ ضرور پڪاريندا هئا. لطيف سائينءَ اهڙا اشارا ڏنا آهن:

اڄ گهرجين ٻار، بداماڻي پنرا!
ڪاڇي ٻيڙي پار، اڇي ويرين ويڙهيا.

اڄ گهرجين هيت، بداماڻي پنرا!
مٿان ڳڻي پت، ويرين واٽون لائيون.

چون ٿا ته جام پنري جي وفات ڪانپوءِ جلدئي جام لاکو ڦلاڻي ساماڻو، جنهن رڀارين کان ويرونڌ لاءِ جڏهن پنري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي علائقي مان لوڙيون هٽڻ شروع ڪيون، تڏهن ڪنهن سگهڙ پنري کي ياد ڪندي هيئن چئي ڇڏيو تہ:

پيٽي ناهم بدام، تڏهن لاکو ٿو لوڙيون ڪري!

بدام جو علائقو اهڙو پٽ هو، جنهن ۾ مهراڻ، هاکڙي ۽ پراڻ جو پاڻي ريل ڇيل هوندو هو. انهيءَ ڪري ڪونجون ۽ ٻيا پرديسي پکي گذران خاطر اتي اچي نڪرندا هئا. پر بدام جا ماڻهو پنهنجي سورهيم سردار پنري بداماڻيءَ جي رُکوالي واريءَ عادت' کي ڏيان ۾ رکندي، انهن پناهم ۾ آيل پکين کي نہ ماريندا هئا. اهڙي طرح ڪافي زماني کان پوءِ اهڙو دور بہ آيو جو بدام ۽ آس پاس ۾ اهڙا ڏاريان ۽ بـي وڙا ماڻهو اچي رهيا، جن بدام جي ماڻهن جي رکوالي۽ واري روايت جي خلاف پکين کي مارڻ شروع ڪيو. انهيءَ بابت اشارو ڏيندي، پٽ ڏٽي پرديسي پکين کي صلاح ڏيندي فرمايو آهي تہ:

چيتا ڪيو چٽيج، بداماڻي پـٽ ۾،
نيٽين نند مَ ڏيج، چيڙون چپر آئيون!

لاکو ڦلاڻي

جام لاکو ڦلاڻي ڏهين صدي عيسويءَ جو مشهور سورمو هو، جنهن کـي سنڌ جـي سڃاڻ سگهڙن 'ستـن سورهين' ۽ 'ڏهن ڏاتارن' ۾ گڻيو آهي. جام لاکو پڄ جي مشهور سمي سردار جام ڦل جو پٽ هو. ڪتيءَ مهيني جي ٻارهين تاريخ اربع جي ڏينهن، پيڄ تيٽ تي، سنبت نو سؤ چاهتر ۾ جائو هو، جنهن بابت ان وقت جي سگهڙن جـا ڇيل ڏوها بہ مان ٿا. جيئن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاچان لاکـو جنمئو، 'چـارس' ري 'پڌ وار'،
لاکـو پُوت سوند ڪو، ڦـول گهر اوتار.

سنبت نو سؤ چاهتر، بيچ تـٽ، ڪاتڪ مـاس،
جس دن لاکو جنمئو، سورج جوت پرڪاش.

لاکي جي تعريف ۾ ڪنهن سچاڻ سگهڙ سنڌ ۽ ڪڇ جي مشهور سورمن سان گڏ هيئن به چيو آهي:

'ڪاشب' گهر 'سورج' هوء، 'واسنگ' گهر 'تاکو'،
'اوڍي' گهر 'جڪرو'، 'ڦـول' گهر 'لاکـو'.

راء لاکو جيئن ئي جوان ٿيو، تيئن هن ڏٺو تہ ڪڇ توڙي سنڌ ۾، رٻاري قوم گهٽائي ۾ آهي، جيڪا ڪڇ گوهه ۾ سمن جي **خلاف** ستون پئي ستي. جنهن تي چام لاکي رٻارين جي چگن مڙسن کي سمجهايو تہ آهي سمن جي **خلاف** منصوبا نہ ناهين. پر رٻارين لاکي جي انهيءَ چوڻ کي پڌو اٿيڌو ڪري چڏيو، چو تہ ڪڇ جو وڏو راء جاڙيجو راء کنگهار رٻارين جي طرف هو. اهو انهيءَ ڪري جو هڪ وڏي مالدار رٻارڻ سنڌس داڻتہ هئي، جنهن کيس سمن جي **خلاف** ۽ رٻارين جي طرف ۾ آڻي چڏيو هو.

ٻئي طرف چام لاکو ڪڇ جي هڪ ننڍي سمي سردار جو پٽ هو، جيڪو راء کنگهار جي مقابلي ۾ هر لحاظ کان **گهٽ** هو.

رٻارين ڏٺو تہ راء کنگهار سندن محتاج آهي ۽ سمن مان فقط چام لاکو ئي اڪيلو سردار آهي، جيڪو سندن مخالفت ٿو ڪري، سو کيس اک ڏيکارڻ لاءِ سنڌس ساڻين جسي ۽ جسراج جا ڪي همراهہ ماري وڌائون. چام لاکي کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن راء کنگهار ڏانهن ماڻهو موڪلي، گهر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کیائین تہ اهي رهاري، جن اسان جا ماڻهو ماريا آهن، ٻڌائي ڏي! پـر راءِ کنگهار الٿو چام لاکي کـي ڏوهاري ٺهرايو، جنهنکري لاکي جي غيرت ٻڙکو کاڏو ۽ هي پنهنجا ساڻي ساڻ ڪري، سنڌ ڏانهن راهي ٿيو ۽ اهو اعلان کيائين تہ هاڻي رهارين ۽ انهن جي طرفدارن سان مقابلو آهي؛ اهي جتي بہ هوندا، اتي سندن مرمت ڪبي رهبي. لطيف سائينءَ اها حقيقت هن طرح واضح ڪئي آهي:

ٻُڌيئا ٻُلي ٻير، وڏو راءِ رکـــاب ٿا،
ڪچ رهندو ڪير، لاکـو لـوڙائن سين.

چام لاکو ۽ سندس سورهيہ ساڻي کيئن نڪتا، کيئن ٿي رهيا ۽ سندن کهڙي روش ۽ کهڙا ارادا هئا، تنهن بابت پٽ ڏڻيءَ اشارو ڏنو آهي تہ:

ڄاڻوکين پـــلاڻ، هڻن سدائين ڪرکرا،
لاکـــي لـوڙائـن جـــا، اهڙائي اهجاڻ،
ڏيئي تنگن تاڻ، ڪوڪ کاريندا کچڑي.

چام لاکو جيڪو هڪ مشهور سردار هو، وڏن جـي غلط روش جي ڪري 'لوڙائو' ٻڌجي، جهنگ منهن ڪري نڪتو هو ۽ رهارين تي حملا ڪرڻ ۽ لوڙيون هڻڻ لاءِ هر وقت تيار ٿي رهيو ـــ جيئن پٽ ڏڻي فرمائي ٿو:

وڙهي ويل سيڪنهن، لاکو لوءِ بہ لوءِ،
پرهہ ڦٽيا پوءِ، ڪرگل ڪندو ڪچڑي.

لاکو لوڙائن سين، چؤڏس ٿو چڑهي،
وڙهيو وريـامـن جـــا، ڏٺيو ڏڻ هڻي،
پس جي 'پُرِي'، سي واهر ڪنهن نہ واريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿوري ئي وقت ۾ سنڌ توڙي ڪڇ جي رٻارين توڙي انهن جي طرفدارن ۾ واکو پٽجي ويو ۽ آهي هر وقت دانهون ڪندي چوندا هئا تہ

جاڳو جاڙيجا، سڀا سڪ مَ سمهو،
پسو آن پاريا، لاکو ٿو لوڙيون ڪري!

لاکو هونئن تہ ڪڇ ڇڏي سنڌ ۾ اچي رهيو هو، پر هن مخالفن تي هر ڪنهن طرف کان اهڙا تہ تکا حملا ٿي ڪيا جو سنڌ وارن سمجهيو ٿي تہ هو ڪڇ کان ٿو اچي ۽ ڪڇ وارن چاتو ٿي تہ هو سنڌ مان ٿو اچي. سندس انهن تيز حملن ۽ دوڙ ۾ جيڪي علائقا ۽ پٽ اچيو ٿي ويا، انهن بابت لاکيڻي لطيف هن طرح اشارا ڏنا آهن:

هنئي مٿان هٿڑا، لاکو نہ لاهي،
ڪڙير ٽاڙ، کيل ڪري، آيو ٿي آهي،
وڇيو سي ڪاهي، جي ڪيڙي هيٺ ڪنگهارجي.

'ٻني' ٻهڻ نہ ڏي، جڙي ويهي نہ جهوڪ،
'لوٽيءَ' مٿان لوڪ، لاکي لڪ لڏائيا.

لاکو 'لوٽهڻي' آيو، 'هڏي' پٽي هاڪ،
'پاٽر' پهري ڪانہ ڪا، 'ڏونگر' پٽي ڏاڪ،
انيون ۽ عراق، گڏيا تہ گڻون ٿيا.

عام طرح ڇام لاکي جي لوڙين جو اهو اثر ٿيو جو سنڌ ۽ ڪڇ جا 'ڏڻودي'، جن کي ڇام لاکي ڪنهن بہ حالت ۾ ڪونہ ٿي ستايو ۽ نہ ئي انهن سان هن جو ڪو ويڙ هو، اهي بہ لاکي جي هيبت کان گهبرائجي ويا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ائين پيا چوندا هئا تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڍي وڳ ۾ ڌار، هن برائي ڏيهه ۾،
ڇهو چار چڪ ٿيو، وڳ آتائين وار،
ڏنس ڪالهه پرار، لاکو لوڙائن سين.

۽ اهي ڏٺو دي ڊپ وچان هڪ ٻئي کي ڪن خاص علائقن ۾ وڃڻ کان منع ڪندا هئا، ۽ ٻيءَ حالت ۾ هيٺن ٻه چوندا هئا تہ:

چارئي-ين چوٽاڻ، وگ وهارين ويسرا،
لاکي لوڙائن جو، پهريو پهراڻ،
سپر ۽ ستاڻ، وگ ورائي وات ٿيو.

لاکي جي انهن لوڙين ۽ وٽ وڻان ۽ مخالفن جي ڇڄ ڇڄان کي ڏسي عام طرح سنڌ جي سڃاڻن اهو فيصلو ڏنو تہ لاکو حق تي آهي ۽ سندس مخالف جاڙيجا، جن خواهمخواهہ رڌارين جو طرف ونڊي پاڻ لاءِ پاڻهي مصيبت پيدا ڪئي آهي، سي ناحق تي آهن ۽ انهن پنهنجون راهون پاڻ ئي بند ڪرايون آهن. ان بابت لطيف سائين هن طرح ٿو اشارو ڏي:

راءِ سان رڻا جي، تن جاڙيجن جاڙ ڪئي،
ڪيئن ماڻيندا سي، چوڏهن چارو ڪاڇڙو.

آنهيءَ زماني ۾ سنڌ مان ڪڇ ڏانهن وڃڻ لاءِ چوڏهن رستا هئا، جن جي ذريعي رڻ پار ڪري سنڌ مان ڪڇ ڏانهن وڃبو هو. انهن مان ڪجهہ رستن جا اهڃاڻ هن وقت بہ ملن ٿا، جهڙوڪ پيٽاپور وڻان، جليلي وڻان، بڙ ٽلاءِ وڻان، آڏي گام وڻان، سوراچند وڻان، ڀهراڻي وڻان، ڀلهياري وڻان، ڏهر وڻان، رحمڪي بازار وڻان، وغيره لاکي لوڙين جي دوران اهي سڀئي رستا جڏ بند ڪري ڇڏيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاکي هونئن تہ پنهنجن سيني مخالفن تي حملا ٻئي ڪيا ۽ سندن وڳ ٻئي هنيا، پر سندس حملن جو مرڪز راءِ ڪنگهار جي محبوبہ رہارڙ هئي، جيڪا رہارين ۽ سمن جي ويڑهہ جو بنياد هئي. راءِ لاکي ان تي تيز ۽ بار بار حملا ڪري ڪيس اهڙو تہ تنگ ڪيو جو ڪيس راءِ ڪنگهار ہ بچائي نہ سگهيو. ٻڌائي انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪندي فرمائي ٿو:

رڙي رہارڙ روءِ، آيي ڊينگهر ڊار،
وڃن اڄ وڳ هيٺو، سڀہ جي سردار،
ڪاڇي ٻنهي پار، ڏاڪو هن جو دسيين.

رڙي رہارڙ روءِ، ايي ڊينگهر جهل،
ڊري هتان پل، ڪيتريون ڪاهي ويا.

رہارڙ روئي، واڙي وڏا وڇڑا،
سمورا سوئي، هتان هٽي سات ويو.

رڙي رہارڙ روءِ، واڙي پايو وڇڑا،
ڪرا ويڻ ڪنگهار کي، چنچل آيي چوءِ،
واڙي وچ نہ هوءِ، لاکو لوڙائن سين.

رہارڙ جي اها بدحالي، بيوسي ۽ مجبوري ڏسي، ڪن سيانن ڪيس صلاح ڏني تہ اها وڏائو ۽ واڈ، ٽيڙي ۽ ٽاڻ، گهٽائيءَ ۽ ڏاڍ جو پروسو ڇڏي، لاکي کان معافي ونڊي ۽ سائس صلح ڪري تہ سندس جند آزاد ٿي پوندي. لاکيٽي لطيف ہ اڇو هٻڻ فرمايو آهي تہ:

رہارڙ ريجهاءِ، لاکو لولائن سين،
سائو مان سداءِ، ٿڻ مٽائي ناکرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب تہ جام لاکي پنهنجي بهادريءَ، جرئت ۽ همت سان ڪچ توڙي سنڌ ۾ پنهنجو ڏاڪو جمائي ڇڏيو ۽ سندس غيرت ۽ مڙسيءَ کي مڃيندي، سيني کي لطيف جي زبان ۾ هيئن چوڻو پيو تہ:

لاکا لک سڃن، پر قلاڙي قير ٻيو،
جنهن ۾ راڻا راڄڻا، ڪوٽ ڏٺي ڪنبن،
جنهن جو جاڙيجن، ستي سڏچيو نہ لهي.

جام لاکي کي انهيءَ لوڙين هڻڻ واري زندگيءَ ۾ خبر نہ آهي ڪيترو وقت گذريو. پر هن اها روش تڏهن تبديل ڪئي، جڏهن ڪيس خبر پئي تہ سندس پيءُ، جام ڦل، گذاري ويو آهي. اها خبر ٻڌي، هو هڪدم پڇ ڦهتو ۽ پنهنجي راڄڌاني سيالي اعلان ڪيائين تہ هاڻي آءٌ لاکو لوڙائو نہ پر لاکو قلاڙي آهيان؛ هن کان پوءِ نہ آءٌ لوڙيون هڻندس ۽ نہ ئي کو منهنجي راڄ سان لوڙيون هڻي سگهندو. شاهہ صاحب انهيءَ حقيقت ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو آهي:

لاکي لوڙيون ڇڏيون، سرها ٽيا سنگهار،
چوٽاڻي چوڌار، واندیون وس چرنديون.

لاکي هاڻي ٻيا سيئي خيال ڇڏي ملڪ جي ترقي ڏانهن توجهہ ڪيو. سڀ کان پهرين هن هڪ مضبوط قلعو ٺهرائڻ شروع ڪيو، جنهن جي لاءِ ڪيئي اوڏ گهرايائين، جن کافي مدت ڪري اهو ڪوٽ مڪمل ڪيو.

ڪوٽ جو ڪم ڏسندي، لاکي جي نگاهہ 'ٻيلي' نالي هڪ اوڏ جي ڏيءَ تي پئي، ۽ هي پنهنجي دل ڪسائي ويٺو. انهيءَ مهل ئي ماڻهو موڪلي 'ٻيلي' اوڏ کان سڱ جي گهر ڪيائين، جنهن خوشيءَ سان اها گالهہ قبول ڪئي. ان بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جام لاکي اوڏن کي اهڙو تہ نوازيو جو لطيف سائينءَ کي بہ چوٽو پيو تہ:

لاکا لکن هئا، بر ڦلائي ڦير پيو،
آجا اوڏ ٽيا، پلئہ لڳي جنهن جي.

ٻئي طرف اوڏن بہ اهڙي کا سياڻي ۽ سگهڙ هئي، جو ان ۾ ڪنهن بہ وڏائيءَ ۽ فخر جي بوءِ پيدا نہ ٿي، ۽ هروقت لاکي جي آڏو نماڻائيءَ سان ٻئي چوندي هئي تہ:

لاکا لڄ سنديا، اوڏ اگلي آهيان،
ٻکا سي پرتاءِ، جي اجهي تنهنجي اڏيا.

۽ جڏهن وڏ گهراٽيون سميون ڪيس ڪاوڙائن ۽ چيڙائن خاطر لاکي جي ڏمر ۽ ڏاڍ بابت هٿرادو ڳالهيون ڪيس ڏهاڳ جو ڊپ ڏيندیون هيون، تڏهن بہ هوءَ ڪاوڙجڻ بدران نماڻائيءَ سان چوندي هئي تہ:

لاکي لڄ ڪنئي، اسان اوڏڙين جي،
ڪندو ڪانہ ٻئي، اڳ وسوڙيل آهيان.

جام لاکي ملڪ ۾ پاڻيءَ جي اٽاٽ محسوس ڪندي، اوڏن جي هٿان بہ وڏا تلاءَ کڻايا، جن مان هڪ تي 'لاکاسر' ۽ ٻئي تي ٻنهنجي سهري، 'ٻيلي' جي مشابهت سان 'ٻيلاسر' نالو رکيائين. اهي ٻئي تلاءَ اڃا تائين موجود آهن. مطلب تہ لاکي سرداري سنياڻ کان پوءِ سخا جا در کولي ڇڏيا، ۽ غريب عوام تي اهڙي تہ نوازش ڪيائين جو سندس رعيت وارا سندس اڏاول ڪوٽ ڏانهن هٽ ڪٽندي، ڪيس دعا ڪندي، ٻڌائيءَ جي زبان ۾ هيئن چوندا هئا تہ:

اڏيو جيو اوڏن، سو ڏينگهر ڏاو مر ٿيي،
جنهن ٻر ويهي ڪن، ليکو لاکي جام سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جام لاکو سنڌ ۾ ڪيڻ جو اهو سورمو هو، جنهن کي لطيف سائين تمام وضاحت سان گهايو آهي، سندس بيان ۾ اسان کي تاريخي حقيقتن سان گڏ ڪيڻ ۾ سنڌ بابت جاگرافي جي ڪيتري معلومات اسان کي ملي ٿي.

لاکو پنهنجين خوبين جي ڪري اهڙو تہ گهايو ويو جو تہ رڳو سندس نالي سان شاديءَ جو گيت "لاکو" مشهور آهي، پر گهڻو ڀوءِ، يعني سمن جي حڪومت کان ٻ ڀوءِ، ڪنهن سگهڙ هيئن ٻ چئي ڇڏيو تہ:

تماچيءَ آندي گندري، لاکي آندي اوڙ،
سما ٻيا ڪوڙ، ذات نہ پڇن جوءِ جي.

جام راهو

جام راهو سامونيءَ جي مشهور حاڪم جام انڑ جو پوٽو ۽ جام تماچيءَ جو پٽ هو، جيڪو ڏهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ ۽ يارهين صديءَ جي شروع ۾ ڏيڑ ڀرڪٽي جو حاڪم هو. هن ٻ راڄڌاني سنيالڻ کان پوءِ پنهنجي ڏاڏي وانگر سخا جا در کولي ڇڏيا، جنهنڪري سنڌ جي سخين ۽ ڏاتارن ۾ گڻو ويو، ۽ سندس نالو سنڌ جي مشهور 'ڏهن ڏاتارن' ۾ شامل آهي.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ساڻس مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو:

راهو تنهنجي ريت، پرڪنديين پڌري،
گهٽا گهوڙي چاڙهيين، مسافر مسيت،
پڇين ڪانہ وڌيت، جي آيا سي اگهيا.

جام راهو جي زماني ۾ جيتوڻيڪ اڳوٽي دور وارو پاڻي ڪونہ هو، تہ ٻ ملڪ جي ڇڻي نموني آباد ۽ خوشحال هو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهنکري جام راهو پنهنجا خاص ماڻهو موکلي، رعيت جي خبر وٺندو هو ۽ گهرجائن جي مدد ڪندو هو. انهيءَ ڪري ڪيترائي غريب چارڻ ۽ ٻيا سندس در تي سدائين ٻيا ايندا ويندا هئا.

راهوءَ جي انهيءَ ريت کي نگاهه ۾ رکندي، شاهه سائين طاماڻن ۽ گهرجائن کي صلاح ٿو ڏئي ته:

ڏڻ ڏڻ ڪيم ترس، سر نهارج سيرو،
ڏيندئي لک لطيف چئي، راڄ 'راهوءَ' جي رس،
ولها جنهن ونهيان ڪيا، پاڳ تنهين جي پس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جو گالهائي گات ڪٽي.

مطلب ته جام انڙ، جام سڙ ۽ جام لاکي کان پوءِ راهو اهڙو سخي هو جو سندس نالو جام جکري جي دور تائين به زنده رهيو.

جام جکرو اهڙو ته ڏاتار هو، جو ان جي دور ۾ اڳوڻا سڀ سخي ۽ ڏاتار پوئتي رهجي ويا هئا. ۽ جام راهوءَ جو نالو ان وقت به عوام جي زبان تي هو، جنهن بابت پٽ ڏڻيءَ کان به شاهدي ملي ٿي:

راهوءَ جا رهيام، سنيهها سريرَ ۾،
ٻيا در وسريام، ڏني جادم جکري.

جام جکرو هوڏياڻي

سنڌ جي ڏاتارن ۾ جام جکرو هوڏياڻي سڀني کان وڌيڪ نالبرو ۽ مشهور هو، جيڪو جام مهڙ جي اولاد مان گهڙ گهراڻي جو سردار هو. سندس تعريف ۾ لطيف سائينءَ فرمايو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمو سـوائي، ڀهون ٻڌائان اڳـرو،
دانا جي دربار ۾، ورتي ايءَ واڻي،
ڳهڙ ڳالهائي، مهڙ سـپ ملهايا.

مبين شاهه عنايت جي شاعريءَ جي روشنيءَ ۾ اهو ٿو ثابت ٿئي تـ جڪرو هوٿياڻي پاتار يـا پاتال جو رهاڪو ۽ گنگا راءِ يا گنگا جر راءِ خاندان جو فرد هو، جيڪا ڳهڙ سمن جي شاخ هئي.

ٻئي طرف، پاتال ڪانسواءِ، ڳهڙ جي نالي پويان ڳهڙ جو ٿڙ ۽ گنگا راءِ جي نالي پويان گنگا راءِ جـو ٿـڙ، جنهن کي هن وقت 'گانڱارو' ڪوٺين ٿا، سي ٻئي اڄ بـ موجود آهن.

جڪري جي تعريف ۾ لطيف سائين اجهو هيئن فرمايو آهي:

منهنجي منهن جـڪـرو، طاماڻن تـاري،
پڇي سـي پاري، جي عاجز اجـورن ۾.

هٿان جادم جڪري، وڻي پـوءِ مَ وچ،
اجهي آيـا نچ، سمي واڻـي وات ۾.

هٿان جادم جڪري، وڻـي وچ مَ پوءِ،
پي پي سو پُرِ ٿئي، جو حاتم پاسي هوءِ.

لطيف سائين نہ رڳو جڪري کي حاتم ٿو ڪوٺي، پـر ان جي تعريف ۾ گهڻو اڳتي وڌندي فرمائي ٿو تہ:

پاڻـوَ سين نہ پاڙيان، سوين ٻيا سردار،
آهي مثل منهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم، هڙده هـزار، جهڙ تنهنجي جهپيا.

جهڙ تنهنجي جهپيا، هـزاريـن حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ، لاکيٽو لطيف جکري سان مخاطب ٿيندي فرمائي ٿو :

سما تو سر چٽ ، نات ۽ پاڳارا پرس ٻيا ،
' گهڙ ' تنهنجي گالهڙي ، اچي جال جڳٽ ،
جـــن جيهائي پـــٽ ، تن تيهائي ٻکيا .

جکري جـــي تعريف ڪندي ، لطيف سائين سائلن ۽ گهرجائن کي ٻڌائي ٿو ته :

جکري جيهو پرس ، نہ پسان ڪي ٻيو ،
وائي جنهن جي وات ۾ ، ڏيو ڙي ڏيو ،
وڃي جـو نـــ ويهو ، ان در متي مڱٽا !

طاماڻن کي تاکيد ڪندي چوي ٿو :

ڪوه نہ جهارين جکرو ، جنهن ڏيهه ڏيا ڏيئي ،
جـــي لڏيا ٿـي لينگن ۾ ، سالن ۾ سي ٿي ،
ســـمـــي سيمئي ، طـامـاڻـو تـــار ڪيا .

مطلب تہ جکرو هوٿياڻي اهڙو ڏاتار هو ، جنهن لاءِ چيو ويو ته :

" هوٿياڻيءَ هٿان وڻ بـــ وڃـــن واسيا ! "

يا

" سمي ســـامـــائـــي ، چنتا لٿي چارڻين . "

جکري جي ساراهه ۾ اسان کـــي لطيف سائينءَ ۽ ٻين شاعرن وٽان ڪافي مواد ملي ٿو ، پر ان جي دور بابت ڪا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر کائن ٿي پوي، فقط اها پروڙ ٿي پوي تہ چام جکرو، چام راهو کان گهٽو پوءِ هو ۽ سندس دور ۾ جيڪو سکو هلندڙ هو، تنهن کي "رونتو" چيو ويندو هو، جيئن هڪ بيت ۾ آهي تہ:

واسريو وريام، تہ ريلينڊو "رونتن" کي.

جکري نالي سان سنڌ ۾ ٻيا ٻہ ڪئين سردار مشهور ٿي گذريا آهن ــ جيئن جکرو ٽيپاٽي، جکرو هالاٽي، جکرو اوڊاٽي، وغيره ــ جن بابت ٻين شاعرن وٽان ڪافي مواد ملي ٿو. پر جيئن تہ لطيف سائينءَ جي ڪلام ۾ انهن بابت ڪو اشارو يا اهڃاڻ ڪونہ ٿو ملي، تنهن ڪري انهن ڪي هن مضمون ۾ شامل نٿو ڪجي.

چام ڪرن

چام ڪرن ٻہ سنڌ جي ڏهن ڏاتارن ۾ شامل آهي، جنهن جو ذڪر شاهہ لطيف ۽ مبين شاهہ عنايت وٽ ملي ٿو. مبين شاهہ عنايت رحہ کيس 'همٿاڻي' ڪري ڪوٺيو آهي.

ڪرن جي راڄڌاني عمر ڪوٽ شهر کان اٽڪل اٺ-ڏهہ ميل الهندي هئي، جتي ديهہ 'سونهپور' ۾ سندس گاديءَ واري شهر جا کنڊر موجود آهن، جن کي 'پڙي' ڪوٺيو وڃي ٿو. کنڊرن جي اولهہ ۾ ڪرن جي نالي پويان 'ديهہ ڪرنا' ۽ 'ديهہ ٻيلو ڪرنا'، ۽ ٽر واهہ جي هڪ پل 'ڪرنا موريءَ' جي نالي سان موجود آهي.

ڪرن جي دور بابت خبر ڪائن ٿي پوي، پر ٻيتن مان اهو پتو پوي ٿو تہ هو چام لاکي کان پوءِ هو، جيئن هڪ چوٽي آهي تہ:

لاکي لک بخشيا، ڪرن ڏنا ڪروڙ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ ڏئي ٻه چام ڪرن جي اهڙي ئي تعريف ڪري ٿو ته:

جه متو مڱڻ ناه ڪو، تان سمي ناهي سوڙ،
ڪرن چام ڪروڙ، ڇٽي ڦلن مٺ جيئن.

آڳاڻي دور ۾ اهو دستور هو ته جيڪو به سردار ڏاتار بنڻ جي دعوا ڪندو هو ته چارڻ ۽ مڱڻهار ان جو امتحان وٺڻ لاءِ پهچي ويندا هئا. ۽ ڏاتارڻ لاءِ اهو پڻ قانون هو ته جنهن ڏاتار کان ڪنهن سائل جو سوال پورو ٿي نه سگهندو هو ته اهو ڏاتار بنا دير جي پنهنجو سر ڏيندو هو. سو جڏهن چام ڪرن جي پرک لاءِ کو چارڻ وٽس پهتو ۽ سندس امتحان ورتائين ته کيس لطيف جي زبان ۾ ائين چوٽو ٻيو ته:

اکين سوئي اوڙکيو، جو ڪنين سُٹئر ڪرن،
ساءُ منهنجو من، چام پسندي پٽيو.

ميون شاهه عنايت رضوي، ڪرن جي تعريف ۾ اجهو هيٺن ٿو فرمائي:

آيا ڏونهن ڪرن، هي جي ميراثي مڱڻا،
تورت لاهي تن کي، ويلن جا ورن،
متي ميرن راضي ٿيو، ڏان گهرن تئن ڏن،
پنهنجي منجهه پرن، هن سي هردم همٹائي ڪري.

ميون عنايت طاماڻن ۽ گهرجاڻن کي پڻ صلاح ٿو ڏئي ته:

ڏڏ تي ڏان گهر، ڇڏ وڃا جو ورن،
اٽ ئي ٻهر عنايت جئي، آيو ٻاڻ پرن،
ڪوڙين ڏي ڪرن، نيلون نام ڏٽين جي.

عنايت ۽ لطيف کان پوءِ شاهه شريف رضويءَ به چام ڪرن جي گهيراڻپ ۽ ڏاتاريءَ کي ذهن ۾ رکندي فرمايو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ کـر ڪرن جـو، هـو دان ڏئي هڻي نہ دم،
عـاقـل آسـائـن کـي، گـونـدر لاهـي غـم،
سخاوت 'شريف' چـئـي، جـام ڪمائي چـم،
راج تنهن جـي رم، تـہ طـامـاعـو تـار تڻين.

ابڙو اڙپنگ

ابڙو اڙپنگ، مشهور سمو سردار، ڪڇ جي 'وڏسر' جو والي هو، ۽ پهلوانيءَ ٿوڙي سخاوت، پنهي ۾ مشهور هو. هيءُ دودي سومري جو همعصر هو. انهيءَ لحاظ کان هنن جو زمانو تيرهين صدي عيسويءَ جي پڇڙيءَ ۽ چوڏهين صدي جو منڊ هو ــ چو تہ دودي ۽ علاءالدين جي جنگ ۱۳۱۳ع ۾ لڳي هئي، جنهن ۾، سومرن جي شڪست کانپوءِ، حاڪم گهراڻي جون سومريون ابڙي ڏانهن سامہ موڪليون ويون ۽ ابڙو سامن لاءِ سر ڏيئي سرهو ٿيو هو، جيئن لطيف چيو آهي:

سرٽين جـي سڪ لاءِ، سـام ڪـنـئـي سـردار،
جي ابڙي جي آڌار، سي سونگ نہ ڏيندیون سومريون.

ابـڙو وڏ وڙو، سـوڙو جـهـلـي سامن،
سرٽين جـا سـونـا سـهـي، سمو سونهن سين،
تـو در تـرڪ اچن، ڪيئن ڪريندين ڪچڙي.

سرٽين جـا سـونـا سـهـي، وسيلو ولهن،
لڏي ڪـيـن لطيف چـئـي، اڳيان لال لکن،
جـت ڪوڙين کين ڪچن، ات پاڻهي پڏرو.

ابڙو اهڙو تہ وڙائتو هو، جو مهل ۾ دشمن کي به پناهہ ڏيندو هو. انهيءَ جو ثبوت اهو آهي تہ انهيءَ دور ۾ سومرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ سما پاڻ ۾ ڪونہ ڏهندا هئا. پر جڏهن دودي گي يقين ٿي ويو تہ هو مارجي ويندو ۽ پويان پهر ڪانهي، تڏهن هن سامون ابڙي ڏانهن موڪيون هيون، جو تہ ڪيس خبر هئي تہ ابڙو اهڙو تہ اڙپنگ آهي جو جيئري سامون نہ ڏيندو:

سمو تن سڏ ڪري، جن تي وڏو ويرُ،
اڻي ڏسہ آجي ٿيان، پائي پاڳوڙي پير،
تو ريءَ ٻيو ڪير، سرٽين جسا سونا سهي.

هونئن تہ سومرن جا چارڻ جاڻي واڻي ہ سمن جي ساراهہ ڪين ڪندا هئا، پر ابڙي جي انهيءَ جرئت کان سومرن جي ڀان، پاڳوءَ کي ہ چوٽو ٻيو تہ:

اڙ آڏي هئي ابڙي، نو چليون؛ ڏهہ لکہ،
گهوڙي ڪنڊ نہ ڦيريو، ماري آو خلق.

آپ سيکنهن آچو، آپ نہ آچو ڪوءَ،
مٽي پٽ مٽي ٿيو، سورهيہ سر سندوءَ.

جهڙو هئو ابڙو اڙپنگ، تهڙو هو سندس اولاد. جڏهن راهو، سمڙ، سپڙ ۽ ابڙو، سپ هڪٻئي ٻويان وڙهندي شهيد ٿي ويا تہ ابڙي جو نندو پٽ ڏونگر راءِ سومرين کي وٺي رڻ ڏي راهي ٿيو ۽ علاءُ الدين جون فوجون هن جي پويان لڳيون. پر هو ہ اهڙو غيرتمند هو جو رڻ جي اهڙي حصي ۾ هليو ويو، جتي سيٻي سومريون ۽ پاڻ هڪ ڏٻڙ ۾ هليا ويا. سندس ساراهہ ۾ لطيف جو هڪ بيت ملي ٿو:

بين سيٻي ڏنيون، ڏي نہ ڏونگر راءِ،
اڏڻين آڏو قري، ڏنيون ڏي ڪياءِ،
لوڙيون لک متاءِ، ان متيري موتايون.
۽ پاڳو وري سندس لاءِ چيو آهي تہ:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوران ڏونگر نديڙو، اوران ٽي آفت،
هيءُ پهاڙيءَ پيٽان پيو، پيءُ جنهن جو پربت.

ابڙي جي پهلوانيءَ جي ڪري سنڌ جي سگهڑن کيس 'ستن سورهين' ۾ ٻ ڳڻيو آهي ته ان سان گڏ کيس 'ڏهن ڏاتارن' ۾ ٻ شامل ڪيو آهي. سندس سخا جي ساراهه لطيف هن طرح ڪئي آهي:

ابڙو اگهامن ۾، پرجهلو پاري،
سَمي سوالين کي، ويل نه وساري.

شاهه صاحب سندس ذڪر سپڙ سان گڏ ٻ ڪيو آهي:

ابڙو اگهامن ۾، سپڙ جيئن هيلي.

مطلب ته جام ابڙو وڏو سخي، اڙينگ، لڇيال ۽ ننگپال هو، جنهن سامُن لاءِ سر ڏئي پاڻ کي امر بنائي ڇڏيو. سندس تعريف هن کان وڌ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو لطيف سائين فرمائي ٿو ته:

سي لوزيون ڏين نه لاڳ، جي اجهي آيون ابڙي.

ابڙي جي ڪري ڪڇ جي اولهه حصي جو نالو ئي "ابڙاسيو" پئجي ويو، هن وقت اهو حصو ڪڇ جي هڪ وڏي ضلعي جي حيثيت رکي ٿو، جنهن کي 'ابڙاسيو' چوندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

در محمد پٹاڑ

شاهہ جي زماني جون لڑايون

لاکيٹو لطيف ۽ سندس زمانو سنڌ جي تاريخ جو مکيہ باب آهن. لطيف سائينءَ اکين کولڻ سان ميان نصيرالدين کي سنڌ ۾ کلهوڑن جي حڪومت جو پايو وجهندي ڏٺو. ٽکرا ٽکرا ٿيل سنڌ سندس اڳيان متحد ملڪ جو روپ ورتو، ۽ سندس ئي زماني ۾ کيترا مچ مڑيا، جن سيد جي سنڌ کي سهڻيءَ جيان پاڳا ڪيو. پاڻ جوانيءَ ۾ پهتو تہ مغل سلطنت پيريءَ ۾ پير پاتا. سيدُ سونهارو جوپن کي پهچي ٽـو تہ دنيا وارا جهوڪ کي جهڪائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. پاڻ اڏ صديءَ جي عمر کي پهتو تہ نادرشاهہ قهر بڻجي اچي سنڌ تي ڪڙڪيو. اٽن سالن کان پوءِ وري احمد شاهہ سنڌ واسين کي اکيون ڏيکارڻ شروع ڪيون.

مطلب تہ لطيف سائينءَ جي زماني جي سنڌ، نسورو جنگين جو محاذ هئي. تنهن دور ۾ هتي بغاوتون ٿيون ۽ لڑايون لڳيون، جهيڙا ٿيا، دنگل ۽ فساد ٿيا، حملا ٿيا ۽ ڪاهون ٿيون، مقابلا ٿيا ۽ طاقت جا مظاهرا ٿيا. جيڪڏهن سموري برصغير جي تنهن دور ۾ لڳل جنگين ۽ لڑاين کي ويهي ڳڻبو تہ انگ وڃي ۵۶ کي پهچي ٿو، جن مان ۳۳ لڑاين ۽ مقابلن جو ڪٽو سنڌ جي حصي ۾ اچي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن لڙاين ۾ جنگين، بغاوتن ۽ مقابلن کي ڏن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: پهريون اقتدار لاءِ لڙايون، ٻيو استحصال لاءِ چڙهايون، ۽ ٽيون نظام حيات لاءِ جنگيون. انهن جنگين جو مختصر خاڪو هن ريت ڏئي ٿو:

(الف) اقتدار لاءِ لڙايون. سنڌ اڪبر جي زماني ۾ ١٥٧٢ع کان وڃي مغلن جي حڪومت هيٺ آئي. مغلن سنڌ کي ٻن حصن ۾ ورهائي، ترتيبوار، ڏڻي ۽ بکر ۾ نواب مقرر ڪيا. ١٥٧٢ع کان وڃي ١٧٣٦ع تائين سنڌ ۾ مغلن طرفان ڪل ٨٥ نواب مقرر ٿيا- يعني بکر ۾ ۴۷ ۽ ڏڻي ۾ ٣٨. ڏنهن دوران سنڌ ۾ ڪلهوڙا پيري مريديءَ جي زور تي اثر رسوخ قائم ڪندا ويا. تانجو ١٦٥٧ع ۾ ميان نصيرالدين سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت جو پايو وڌو ۽ نادر شاهه جي ڪاهه کان ٿورو اڳ. ميان نور محمد سموريءَ سنڌ جو حاڪم ٿي ويو.

اورنگزيب جي وفات کان پوءِ مغل سلطنت جو زوال شروع ٿئي ٿو ته ستت ئي پوءِ مختلف رياستن ۽ صوبن ۾ ماٺهو مٿو کڻڻ، ۽ ٿوري اقتدار وارا وڏيڪ اقتدار جي حصول ۾ پين صوبن ۽ رياستن ۾ اکيون وجهڻ لڳا. سنڌ جو سرسبز ۽ شاداب خطو به پنهنجن چاهيندڙن کي پاڻ ۾ اکيون وجهڻ تي آماده ڪري ٿو. سنڌ جا پاڙيسري حاڪم دائود پوٽا ۽ بروهي اهڙيون ڪوششون ڪن ٿا، جن جي نتيجي ۾ اقتدار لاءِ ڪيترون جنگيون لڳن ٿيون.

دائود پوٽا هونئن ته عباسي خاندان جي شاخ هئڻ سبب ڪلهوڙن جا پري کان مٽ لڳن. پر اقتدار جي هوس هن ڪٽي خاندان جي ٻن شاخن کي جنگ جي ميدان ۾ گهلي آئي. ٻنهي ڌرين ۾ نفاق جي ابتدا دين محمد ڪلهوڙي جي ڏينهن ۾ ٿي، ليڪن عروج وڃي يار محمد ڪلهوڙي جي زماني ۾ ڪمائين. يار محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ امير محمد مبارڪ دائود پوٽي ڪائيءَ ۽ برهمڻ آباد تي قبضو ڪيو. انهيءَ جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت ۾، پنهي ڏرين جي وچ ۾ ستن ڏينهن جي ٻي جنگ لڳي، جنهن ۾ ڏرين کي صلح ڪرڻو پيو. ميان نور محمد جي وقت ۾ وري امير محمد مبارڪ جي پٽ محمد صادق کي جنگ جي ميدان ۾ ڏسجي ٿو. هن عرصي ۾ شڪارپور ۽ دٻلي ٻيٽ ۾ ٽي لڙايون لڳن ٿيون، ۽ فتح ڪلهوڙن کي حاصل ٿئي ٿي. داؤد پوٽن آڻ جي بزرگن کي وچ ۾ آئي گهالهه ڏاري تہ چڏي، پر هو ڪلهوڙا دشمني دل ۾ رکندا آيا، تانجو جڏهن نادر سنڌ تي ڪاهه ڪئي تہ داؤد پوٽن هن جو ساٿ ڏنو، جنهن جي عيوضي ۾ کين شڪارپور ملي.

ڪلهوڙن جا ٻيا حريف هٿا بروهي، جن ميان دين محمد جي وقت کان وٺي جارحانہ ڪارروائين جي ابتدا ڪئي. ميان دين محمد جي وقت ۾ مغل فوج جو امير شيخ جهان ساٿس وڙهندي مري ويو تہ مغل پرستيءَ جي شوق ۾ قمبر خان بروهيءَ انهيءَ جي عيوض لاءِ جنگ جوٽي. سندس وس جي گهالهه نہ رهي، تہ شهزادو معزالدين سنڌ تي ڪاهي آيو، هن دين محمد کي گرفتار ڪيو، ليڪن ميان نور محمد ۽ ميان محمد داؤد شاهي فوج سان وڙهندي قلات ۾ پهچي ويا. قلات جي حاڪم کي دهليءَ جي دربار مان هدايتون مليون تہ ڪلهوڙن کي ايران ڊاهڻ ٽپڻ نہ ڏنو وڃي. محراب خان ڪلهوڙن جو پيڇو ڪيو، پر ڪيس درميان ۾ پنهنجي زندگيءَ تان هٿ ڏوئڻا پيا. ان ڪانپوءِ سمندر خان قلات جو حاڪم ٿيو. جڏهن بختيار جي مرڻ کان پوءِ سبي ۽ ڏادر ڪلهوڙن کي مليون تہ سمندر خان کي هڪ ٻي وقت پنهنجي چاچي جو خون ۽ سبيءِ جو سور اڃي ياد پيو. هن گنجابه علائقي جي گهر ڪئي، جا ميان يار محمد ڏکرائي چڏي. انهيءَ ڪري، طرفين کي ٽي جنگيون ڪرڻيون پيون.

سمندر خان جي وفات کان پوءِ محراب خان جو وڏو پٽ مير احمد خان قلات جو حاڪم ٿيو، ليڪن ڪيس پنهنجي ٻاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالله تخت تان لاهي حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ ڪئي. اهو ئي عبدالله خان اڳتي هلي "شهباز ڪوهستان" جي نالي سان مشهور ٿيو. هن ۽ ميان نور محمد جي وچ ۾ ڪرتم ڪاچي ۽ جانداريءَ ۾ تي جنگيون لڳيون. ان کان پوءِ سندن وچ ۾ مٿيون مائٽيون ٿيون. پر جڏهن نادر جو قهر نازل ٿيو، تڏهن هنن کي به وارو اچي ويو، ۽ نادر کين ڪاچي ۽ ڏاڏر جا ڪجهه حصا ۽ ڪراچي ڏني.

دائود پوٽن ۽ بروهين کانسواءِ، ڪلهوڙن جون پنهورن ۽ ڏاڏر جي مرزائين سان به لڙايون لڳون. پنهورن سان ميان نصير محمد جي زماني ۾ فتحپور ۾، دين محمد جي زماني ۾ ٻرڪپور ۾، ۽ يار محمد جي زماني ۾ سامتائي گهوٽ واريون لڙايون لڳيون. ڏاڏر جي مرزا خان پنهي پنهورن سان گڏ ڪلهوڙن تي ڪاهون ڪيون، جن جو سلسلو يار محمد تائين اچي ٿو. مرزا خان جي وفات کان پوءِ بختيار خان ڏاڏر جو حاڪم ٿيو، تڏهن شاهي فوج سنڌ تي ڪاهه ڪئي، جنهن ۾ ميان دين محمد کي گرفتار ڪيو ويو ۽ باقي يار محمد ۽ محمد دائود جنگ ڪندي قلات پهچي ويا. پوٽنان بختيار وري ڪلهوڙن جي سمورين زمينن تي قبضو چمائي ويو. ڪلهوڙن موتي اچي نه صرف هن کان ملڪيت ورتي، پر سندس موت کان پوءِ سبيءَ ۾ ڏاڏر جا حاڪم پڻ ٿيا.

(ب) استحصال لاءِ جنگيون؟ سنڌ جي سيني تي نه رڳو اقتدار جي بک ۾ مظلوم ۽ غريب عوام جو رت وهايو ويو، بلڪ استحصال ۽ پر ماريت لاءِ به حملا ۽ ڪاهون ڪيون ويون، نادر ۽ بروهين جون ڪاهون انهيءَ سلسلي جون مکيه ڪڙيون هيون، جن ڏن ۽ ڏرتيءَ جو ڳچ حصو سنڌين کان کسي ورتو. پٺاڻي گهوٽ جي زماني ۾ سنڌ جو استحصال ڪندڙ خارجي قوتون چار هيون: بروهي، مغل، نادر ۽ احمد شاهه درائي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بروهين کي نه رڳو نادر جي اچڻ کان پوءِ ڪاڇي ۽ ڏاڏر جا ڪجهه حصا ۽ ڪراچي مليا، پر ڪين سمندر خان جي وقت ۾ ميان نور محمد طرفان سالياڻو ۴۰ هزار روپيا ب- ملندا هئا. جيتوڻيڪ اها رقم ڪلهوڙا قلات ۾ جلاوطنيءَ وقت مليل جيئدان واري احسان جي موت ۾ ڏيندا هئا، ليڪن انهيءَ کي به هر حالت ۾ بروهين طرفان استحصال چئي سگهجي ٿو.

سنڌ جو استحصال ڪندڙ پي قوت هئي مغل سلطنت، جنهن اڪبر جي زماني کان وٺي پئي پنهي هٿن سان سنڌ جو رت ۽ ست چوسيو. حضرت لطيف جي زماني ۾ انهيءَ سلطنت جي شاهي فوج سنڌ تي ٽي ڪاهون ڪيون. پهريون دفعو ميان نصير الدين جي زماني ۾ شهزادي معزالدين ملتان مان اچي جنگ جوٽي ۽ نصيرالدين کي گرفتار ڪري دهليءَ پهچايائين، جو رستي روڪ ۽ سرڪاري چوڪسيءَ جي باوجود ب- پاڻ آزاد ڪري پڄي آيو. انهيءَ کان پوءِ ميان دين محمد جي وقت ۾ شاهي فوج امير شيخ جهان جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌ تي ڪاهيو، جنهن ۾ امير شيخ جهان ماريو ويو. انهيءَ جي پلئه ونڍ لاءِ شهزادي محمد معز الدين سنڌ جو رخ رکيو ۽ اچي قتل و غارت ڪيائين. شاهي فوج جڏهن منهن جي ڪائڙ لڳي، تڏهن قرآن شريف وچ تي آڻي، دين محمد کي گرفتار ڪرڻ بعد قتل ڪري ڇڏيو ويو.

نادر شاهه ۽ احمد شاهه درائي به سنڌ جي استحصال ڪندڙن ۾ قابل ذڪر آهن. نادر ڪلهوڙن جي چالبهن سالن جي مڙئي چوندي پاڻ سان گڏ ڪڍي ويو. هيءَ سنڌ تي نهايت ڳري ضرب هئي ليڪن انهيءَ کان وڌيڪ موتمار ضرب هئي ملڪ جي وحدت کي ٻيهر ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ. نادر ۱۷۳۹ع کان وٺي ان سالن تائين سنڌ کان ايڪيهه لک روپيا سالياڻو خراج حاصل ڪندو رهيو. انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ احمد شاهه درائيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري گهر ويئي، شطرنج جي مهرن بدلائڻ جيان، سنڌ جي گڇ حصي کي پنهنجي ملڪ سان ملائي ڇڏيو، ۽ سالينو ڇوڏهن لک روپيا وٺڻ جو فرمان جاري ڪيائين.

(ب) نظام حيات لاءِ جنگيون. هن خطي جي خمير ۾ ماڻهن جي ضمير جي مطالعي سان معلوم ٿئي ٿو ته هتان جو مزاج الڳ آهي، ۽ سندن نظامِ حيات باقي ٻين کان مختلف آهي. مذهبي رواداري، اقتصادي برابري ۽ قومي آزادي هتان جي انسانن جي نظامِ حيات جو نچوڙ ٻڌي رهيو آهي. هتي مسلمان پنهنجي مسجدين مان خوش، ته واڻيا وري ٽڪاڻا ڏسيو پيا ٿرن. مسجد به مقدس، ته مندر به احترام لائق. هاريءَ فصل کڻي ته وندي کائي. سنڌي لوهر کي به ڏئي ته ڪڻ کي به. ڪنڀار آوي پچائي ته در در تي درلو ۽ ڪمري پهچائي وڃي. لوهر جي گهر ۾ ٽڪڙي نه به هجي پر ٻين کي ڏاڍو ۽ گهوپو ضرور گهڙي ڏئي. ائين ويٺا وندي کائين، ۽ ايمان پائين. وري آزاديءَ جا ڪوڏيا ته هي: پاڻ آزاد رهن، ۽ ٻين کي آزاد رهڻ ڏين ــ يعني هڪ طرف عزتِ نفس ته ٻئي طرف عزتِ انسان. ساڳئي نموني قومي عزت تي به چٽو نه لائين. مانجهي مرد ته رهيا پنهنجي ماڳ، پر سندن عورت به عظمت جو نشان. مارئي ٿي لکن جو مٿ ــ پوريءَ دنيا لاءِ وطن جي حُب جو آدرش!

جڏهن به سندن انهيءَ نظامِ حيات ۾ رنڊڪ پوي ته نڪري ميدان ڪن. پوءِ نه ڪن سر جو سانگو ۽ نه مال ملڪيت جو ملول. ڏَن، مَن ۽ تَن ڪٽي قربان ڪندا. لطيف سائينءَ جي زماني ۾ ائين ٿيو. سندن نظامِ حيات کي قبرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته هو هر محاذ تي مقابلي ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيا. اسان کي انهيءَ جنگ جا ٽي سبب ذهن ۾ رکڻا پوندا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱) حاڪم جي قانوني حيثيت: سنڌ سيد لطيف جي زماني ۾ سڌيءَ يا اڻسڌيءَ طرح مغل سلطنت جي تسلط هيٺ هئي. تنهن وقت جا بادشاهه پاڻ کي عوام جو خادم نه پر خدا جو خليفو تصور ڪندا هئا. تنهن زماني جا "خدائي خليفا" به عجيب هئا. اورنگزيب پيءُ جهڙي مقدس رشتي کي لتاڙي تخت تائين پهتو. اورنگزيب کان پوءِ اهڙيون شخصيتون مغل سلطنت جي مقدر ۾ لڳيون، جن جون غلطڪاريون ۽ سفاڪيون اڄ به برصغير جي تاريخ ۾ چٽن جي صورت ۾ محفوظ آهن. تاريخ جا واقعا اڄ به بهادر شاهه کي بدد ماغو بادشاهه، جهاندار کي ان کان به وڌيڪ بيوقوف، فرخ سير کي سفاڪ ۽ ظالم، ۽ محمود شاهه کي رنگيلو پڌن ٿا. اِهي هئا "خدا جا خليفا،" ۽ سنڌ جا حڪمران هئا اهڙن خدائي خليفن جا معتقد ۽ وفادار! هن مان ثابت ٿئي ٿو ته بٽائي گهوٽ جي زماني ۾ عوام ۽ حاڪم جي وچ ۾ زمين ۽ آسمان جو فرق هو.

